اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج ويُّ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_12

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
**پروفيسر سيد عباد الله راشدي**

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انڊڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڪڙي
نديم احمد سولنگي

ذو الحج ١٤٣١ هه مطابق نومبر 2010ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليه وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات امام شاهه ولي الله رحمة الله عليه | ادارو | 4 |
| اسماءُ الله الحسنىٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 5 |
| توحيدي معاشرو يا طبقاتي معاشرو | چيف ايڊيٽر | 6 |
| ”ولي“ ڇا آهي؟ | محمد انس راڄپر | 10 |
| اسلام جي حقيقت، اسوه ابراهيمي ۽ قرباني | مولانا ابوالڪلام آزاد | 14 |
| عيدالاضحيٰ جو پيغام | مولانا وحيد الدين خان | 18 |
| اسلام ۽ معاشي برابري | علامه محمد غزالي | 19 |
| اجتماعيت جي اهميت | مولانا عبداللطيف نانگراج | 23 |
| توڪل سان رزق جو حصول | مولانا عبدالسلام سومرو | 29 |
| عليڪم بسنتي: ننڊ ۽ جاڳ بابت سنتون | مولانا شعيب الرحمن کهڙو | 30 |


**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،**
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي
ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03002707097



# حڪمتِ قرآن

وَمَا أَنْتُمْ بِمُعْجِزِينَ فِي الْأَرْضِ وَمَا لَكُمْ مِنْ دُونِ اللَّهِ مِنْ وَلِيٍّ وَلَا نَصِيرٍ ﴿الشورىٰ: ٣١﴾

”۽ توهان زمين ۽ آسمان ۾ ڪا به پناهه حاصل ڪري الله تعاليٰ کي عاجز ۽ بي بس نٿا ڪري سگهو. اوهان کي الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه دوست ۽ مددگار نٿو ملي سگهي“.

هن آيت مبارڪ ۾ الله تعاليٰ انسان کي خبردار ڪري ٿو ته اي انسان! توکي جيڪڏهن خيال آهي ته تون الله تعاليٰ کي دوکو ڏيئي سگهين ٿو يا پنهنجن خام خيالن ذريعي خدا کي عاجز ڪري سگهين ٿو ته اهو تنهنجو غرور ، هٺ ڌرمي ۽ جهالت آهي. تون هن ڪائنات کان ٻاهر نڪري نٿو سگهين. هي ڪائنات تنهن جي لاءِ ناقابل عبور آهي. هي ڪائنات تنهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. هي سج، چنڊ ۽ مريخ ته ويجها ڪرا آهن. هن ڪائنات ۾ ڪروڙين ۽ اربين نظام موجود آهن جيڪي تنهنجي پهچ کان پري آهن. تون هڪ نادان ۽ ڪم عقل ٻڌجي، خدا جي قدرت، عظمت ۽ حاڪميت کان انڪار ڪرين ٿو ۽ مرڻ کان پوءِ ٻيهر اٿڻ ۽ ان جي آڏو پيش ٿيڻ کان لنوائين ٿو، ته اها شيءِ پاڻ کي دوکو ڏيڻ آهي. هن دنيا ۾ مصيبتون، پريشانيون، بيماريون ۽ آفتون تنهنجي لاءِ هڪ سبق ناهن ته تون انهن تي قابو پائڻ جو اختيار نٿو رکي سگهين. بي اختيار ۽ بي وس ٻڌجي ڪيئن هر لمحي هٿيار ڦٽي ٿو ڪرين ۽ ان وقت ڪوبه تنهنجو ساٿي ۽ مددگار نه هوندو آهي. ته پوءِ هڪ جهان اهڙو به ضرور ايندو جو تون صفا بي اختيار ۽ مڪمل لاچار ٻڌجي خدا جي آڏو پيش ٿيندين ۽ ان وقت ڪوبه سهارو تو وٽ نه هوندو ۽ تون پوري طرح خدا جي گهيري هيٺ اچي ويندين. ان وقت جيڪو معاملو خدا تعاليٰ توسان ڪندو، اهو نيڪ انصاف ۽ عدل وارو هوندو. ان وقت عذر ۽ بهانن لاءِ به تو وٽ الفاظ نه هوندا.

هن آيت ۾ قيامت جي ڏينهن مشڪل وقت ۾ انسان لاءِ ڪنهن به ”ولي ۽ نصير“ جي مدد ڪرڻ جي صراحت سان نفي ڪئي وئي آهي. ”ولي“ جي معنيٰ اهڙو دوست، ساٿي ۽ سرپرست آهي جيڪو انسان جي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪري. اهڙي طرح ”نصير“ اهڙو مددگار هوندو آهي جيڪو هر گهڙي ساٿ ڏيئي ۽ تڪليف جي وقت ۾ فوري طرح پهچي وڃي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته توهان خدا جي مقابلي ۾ پنهنجي لاءِ سرپرست ۽ مددگار جوڙيا آهن ۽ سمجهو ٿا ته اهي اوهان کي عذاب کان بچائيندا ۽ قيامت ڏينهن ساٿ ڏيندا. پر اوهان کي سمجهڻ گهرجي ته اهڙن سرپرستن ۽ مددگار جو ان ڏينهن ڪوبه وجود نه هوندو. اوهان اڪيلائي رهجي ويندا. ڪوبه توهان جو ساٿي نه ٿيندو.

> عنقريب اهي الله جون نشانيون آفاق ۽ نفس ۾ يعني پنهنجي اندر ۽ ٻاهر ڏسندا. اهو مشاهدو انهن اڳيان اصل حقيقت کي کوليندو ۽ بيشڪ دين الاهي جي دعوت کي سمجهي وٺندا. (حم السجده: ٥٣)

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

عن حذيفة رضى الله عنه قال قال رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم مَنْ لا يهتم بِاَمْرِ الْمُسْلِمِين فلَيس مِنْهم ومَنْ لَم يَصْبح ويُمْس نَاصِحاً لِلّٰهِ و رَسُوْلِهٖ و لِكِتَابِهٖ ولِاِمَامِهٖ ولِعَامَّةِ الْمُسْلِمِينَ فليس منهم (الطبرانى)

حضرت حذيفہ رضي الله عنه عنہ کان روايت آهي تہ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ جنهن شخص کي مسلمانن جي معاملن ۽ مسئلن سان دلچسپي ناهي تہ اهو مسلم امت ۾ نہ ڳڻيو ويندو. جيڪو شخص صبح ۽ شام اهڙي طرح گذاري جو هن کي الله تعاليٰ جي حڪمن مطابق زندگي ئي نہ گذاري، ڪتاب الله جي تعليمات سان واسطو ئي نہ رکي. مسلم حڪمران کي نصيحت ڪرڻ ۽ ان کي حق سچ چوڻ کان ڪيٻائيندو رهي ۽ عام مسلمانن جي مفاد ۽ فلاح لاءِ فڪرمند ئي نہ هجي تہ اهڙو شخص امت مسلمہ ۾ شامل نہ سمجهيو ويندو.

بنيادي طرح مسلمان کي ناصح ۽ خيرخواهہ جو منصب عطا ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ سان هُن جي خيرخواهي اها آهي تہ ان تي دل سان ايمان آڻي. ان جي عبادت ڪندو رهي. ان جي نعمتن جو شڪرانو ادا ڪري. ان جي تخليق تي غور ۽ فڪر ڪري ان جي معرفت ۽ شعور حاصل ڪري پوري مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ ان سان محبت، چاهت ۽ عقيدت رکي. هر گهڙي ان سان ربط ۾ رهي. حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سان خير خواهي اها آهي تہ ان جي محبت ۽ عقيدت سان فرمانبرداري ڪئي وڃي. ان جي شرعيت تي پوري طرح عمل ڪيو وڃي. ان جي اسوه مبارڪ جو اتباع ڪيو وڃي. ائين زندگي گذارجي جيئن پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن زندگي گذاري . ڪتاب الله سان خير خواهي اها آهي تہ ان جي ڏسيل هدايتن مطابق حياتي گذارجي. هدايت فقط ان کان حاصل ڪجي. قرآن مجيد مطابق معيشت، سياست ۽ معاشرت جو نظام قائم ڪيو وڃي. ڪائنات ۾ قرآن مجيد جي نظام کي رائج ڪرڻ لاءِ جهاد، انفاق ۽ ٻي هر قسم جي جدوجهد جو حق ادا ڪيو وڃي. حڪمران سان خيرخواهي اها آهي تہ عدل ۽ انصاف جي نظام جي قيام ۾ ان سان ڀرپور تعاون ڪيو وڃي. ان معاملي ۾ ان جي ڪامل اطاعت ڪئي وڃي. نظم جمايت جي اطاعت سان دنيا ۾ عدل اجتماعي جو قعام عمل ۾ آڻجي. اها بہ خيرخواهي آهي تہ هو راه حق کان انحراف ڪري تہ اول حق جو ڪلمو بلند ڪيو وڃي ۽ صفا منحرف ٿي وڃي تہ ان کي هٽائڻ لاءِ جهاد ۽ بغاوت تي عمل ڪيو وڃي. عام مسلمانن سان سان خير خواهي اها آهي تہ انهن جي مفاد ۽ معاشي ڪفالت لاءِ اقدامات عمل ۾ آندا وڃن. انهن جي بک، ڏک، درد ۽ اهنج ختم ڪرڻ لاءِ خوراڪ جو انتظام ڪپڙي ۽ اجهي جو انتظام تعليم، علاج ۽ سهولت واري روزگار مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪيو وڃي. اهڙي طرح فلاحي رياست جي قائم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو وڃي جيئن رياست جو هر هڪ شهري سک ۽ آرام سان زندگي گذاري سگهي. جيڪڏهن ڪو بہ مسلمان انهن سيني ڪمن کان پاسيرو ٿي ويندو تہ پوءِ هن کي امت مسلمہ ۾ رهڻ جو حق نٿو ملي سگهي. اهڙو شخص پاڻ ئي سوچي تہ هن جو وجود مسلمانن لاءِ ڪيتري قدر نفع آور آهي ۽ پوءِ هو آخرت ۾ ڪهڙي طرح ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو.



## تعليمات امام شاہ ولي الله رحمة الله عليه

### حج جو فلسفو

انسان جي اندر هڪ نقطو آهي، جنهن کي اسان ”امام حجر بحت“ جو نالو ڏيون ٿا. هيءُ ئي انسان جي شخصيت(Personality)، انانيت (Ago) ۽ عقليت(Rationalism) جو مقام آهي. هي نقطو خدا تعاليٰ جي تجلي کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت رکندو آهي. تنهن ڪري خدا تعاليٰ جي هستي جو اقرار ۽ تعظيم ان جي عبادت مان لطف اندوز ٿيڻ ۽ ان جي اڳيان نوڙت ۽ عاجزي ڏيکارڻ، انسانيت (Humanity) جي ضروري ۽ ذاتي گهرج آهي.

هن نقطي ۾ الله تعاليٰ هيءَ خصوصيت امانت رکي آهي تہ هن کي ڪنهن واسطي ڪانسواءِ الله تعاليٰ کي معلوم ڪرڻ ۾ مزو اچي ٿو، تنهن ڪري انسان پنهنجي مڙني مقصدن مان ان کي وڏو مقصد سمجهي ٿو. ان ڪري شعائر الله جي تعظيم ايمان جي جزن منجهان هڪ وڏو جز آهي، ڇو تہ شعائر الله جي تعظيم انسان کي ڪنهن واسطي ڪانسواءِ الله تعاليٰ تائين پهچائي ٿي.

**عبادت جي طريقن منجهان هڪ طريقو حج آهي**

حج جو مفهوم هي آهي تہ شعائر الله جي زيارت ۽ تعظيم ڪرڻ. انهن جي زيارتن سان انسان پنهنجي اندروني شوق، دلي رغبت ۽ اندر جي پياس کي پورو ڪندو آهي. الله تعاليٰ سان پنهنجي تعلق کي وڌيڪ پختو ۽ سگهارو بڻائيندو آهي. ان ڪري ئي هر مذهب جي مڃيندڙن ۾ ڪي خاص جڳهيون برڪت واريون ۽ عظمت واريون سمجهيون وينديون آهن. جيئن بيت الله مسلمانن لاءِ، بيت المقدس بني اسرائيل لاءِ. ڪي وري دريا ۽ سمنڊ کي عظمت جي نظر سان ڏسندا آهن. (مثلاً، هندو ماڻهو گنگا ۽ جمنا جي ياترا لاءِ حاضر ٿيندا آهن.) ڪن جو وري اهڙو قبلو ڪو وڻ هوندو آهي (جيئن ٻڌ مت) وغيره.

حج جي مقامن سان خدا کي مڃيندڙ انسان جو تاريخي لاڳاپو آهي. هي اهي مقام آهن، جتي خدا تعاليٰ جي صفتن جو ڪامل طور تي ظهور ٿيو آهي. يا الله تعالي، خاص وقتن ۾ خاص ٻانهن تي پنهنجون رحمتون ۽ برڪتون نازل ڪيون آهن. تنهن ڪري هي اهي مقام آهن جن کي ڏسي ڪري ٻندي جي دل ۾ الله جي ياد تازي ٿئي ٿي. نتيجي ۾ سندس عملن ۾ گرم جوشي ۽ هڪ جذبو پيدا ٿي پوي ٿو، ٻندو پاڻ کي هن لائق بنائي وٺي ٿو تہ اهو هاڻي خدا رخي زندگي گذاريندو. حقيقت ۾ اهي شعائر الله خدا جي تجلين جا عڪس آهن، جن سان الله کي ڏسي ۽ پسي سگهجي ٿو. سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ حج، عالم، اسلام جي قومي وحدت لاءِ مرڪزي وحدت جو پيغام آهي، جنهن ۾ هر خطي ۽ قوم جا مسلمان گڏجي اتحاد، اشتراڪ ۽ اسلامي ڀائيچاري جو ثبوت ڏين ٿا. ۽ گڏجي حج، انساني ۽ سماجي مساوات جو بہ اعليٰ نمونو آهي. جنهن ۾ سڀ انسان هڪ لباس، هڪ آواز ۽ هڪ صدا سان ”هڪ“ کي ئي سڏن ۽ پاڏائن ٿا. (بدور بازغہ ۽ تفسير الهام الرحمان تان ورتل)

## اسماءُ الله الحسنيٰ[1]: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

# المُتَڪَبِّرُ

الله تعاليٰ جي اسمن مان "متڪبر" هڪ اسم آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اها ذات، جنهن جي ڪبريائي (وڏائي) انتهائي ڪمال تي پهتل هجي، ڇوته ٻيو ڪو به ڪبريائي (وڏائي) جو حقدار نه آهي ۽ ان کي ڇڏي ڪو به عزت ۽ مرتبي جو مستحق نه ٿو ٿي سگهي. بيشڪ ڪبريائي ان ذات پاڪ کي ئي سونهين ٿي.

**تعلق**

هن اسم سان تعلق (نسبت قائم ڪرڻ) جي واٽ هي آهي، ته عارف الله تعاليٰ جي ڪبريائي ۽ ان جي بلند مرتبي کي سڃاڻي، پوءِ پنهنجي دل کي ان جي ڪبريائيءَ ۾ گم ڪري ڇڏي. عاجزي ۽ هيڻاهيڻءَ واري واٽ تي هلڻ پنهنجي مٿان لازم ڪري ڇڏي ۽ هميشه ان مالڪ جي بندگيءَ ۾ سندس ڪنڌ جهڪيل رهي ۽ ان جي حڪمن جي پيروي کان منهن نه موڙي.

**تخلق**

هن اسم جي تخلق (صفت اپنائڻ) جي واٽ هيءَ آهي، ته ٻانهو نه فقط دنياوي خواهشن، پر اخروي نعمتن ۽ لذتن کي به الله ﷻ جي وصال حاصل ٿيڻ ۽ ان ذات تائين پهچڻ وارن اسبابن جي اڳيان حقير ۽ معمولي سمجهي، دنيا ۽ دنياداري ۽ دنيوي لذتن ۽ عيش عشرتن، ناهه نوهه ڏانهن ڌيان نه ڌري، پنهنجي نظر ۾ نه انهن کي قدر (عزت) ڏئي ۽ نه وري انهن کي ڪا اهميت ڏئي. هميشه دين جي سربلندي ۽ عظمت سندس نظر ۾ رهي، دنيا ۽ دنيا جي پوڄارين جي عزت ۽ قدر ڪرڻ کان پاسو ڪري.

**تعبد**

عبدالمتڪبر: متڪبر جو ٻانهو اهو آهي، جيڪو پنهنجي تڪبر کي فنا ڪري ۽ خدا تعاليٰ جي اڳيان پاڻ کي جهڪائي ته جيئن باري تعاليٰ جي عظمت ۽ ڪبريائي ان جي دل ۾ ويهي وڃي ۽ پوءِ هڪ "الله ﷻ" کانسواءِ سڀ کان متڪبر (بي پرواهه) ٿي خدا جي ڪبريائي کي نظر ۾ رکندي "غير الله" جي اڳيان پاڻ کي هيٺ نه ڪري.

> جڏهن اسين انساني زندگي جي مختلف مرحلن کي سامهون رکي خدا متعلق انساني تصور جو جائزو وٺون ٿا ته انهن تصورن ۾ اسان کي هڪ عقلي ارتقا نظر اچي ٿي. ائين معلوم ٿو ٿئي ته جيئن انسان جي مادي سوچ ۽ فڪر ۾ ترقي ٿي آهي. اهڙي طرح خدا متعلق به هن جي تصور ۾ ترقي ٿي آهي، ۽ ارتقا ادنيٰ کان اعليٰ ڏانهن ٿي آهي. اسان لاءِ ان ارتقا جي شروعاتي ڪڙين جو پتو لڳائڻ مشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته جيئن جيئن اسان پوئتي وڃون ٿا ته تاريخ جي روشني جهڪي ٿيندي ٿي وڃي ۽ نبين ڏانهن موڪليل وحي ۾ تفصيل نٿا ملن." (مولانا ابوالڪلام آزاد)



ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

## توحيدي معاشرو يا طبقاتي معاشرو

دنيا جي سمورن نبين ۽ پيغمبرن، پنهنجي دور ۾ زمين جي مختلف حصن ۾ جيڪي معاشرا وجود ۾ آندا يا جيڪا هنن نيڪ ٻانهن تعليم ڏني ۽ ماڻهن کي هڪ نظريي تي گڏ ڪيو، اهو هي هيو ته سمورا انسان توحيد جي فڪر تي ڪٺو ٿي مساوات ۽ برابري سان خدا جا ٻانهان بڻجي رهن. انسانن جو رب، حاڪم ۽ معبود هڪ آهي ۽ هڪ ئي هئڻ گهرجي. ڪو به شخص ڪنهن کان برتر ۽ بلند ناهي، جيئن ٻانهپ ۾ سڀ هڪ جهڙا آهن اهڙي طرح قانون به سڀني تي هڪ جهڙو لاڳو ٿيندو ۽ رزق جي وسيلن ۽ پيداواري ذريعن ۾ به هو سڀ برابري جي بنياد تي شريڪ آهن. سڀني جي ڪفالت ٿيڻ لازمي آهي. رزق جي بنياد تي طبقن جي پيدا ٿيڻ کي شرڪ قرار ڏنو ويو. عبادت، قانون ۽ رزق ۾ برابري ۽ ڪفالت، سمورن انسانن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ايمان جو لازمي حصو قرار ڏنو ويو. اهڙي توحيدي معاشري کي وجود ۾ آڻڻ، نبين جي بعثت جو اصل مقصد مقرر ڪيو ويو. ان جي مقابلي ۾ دولت جي تفاوت، دولت تي هڪ هٽي قائم ڪرڻ، انسانن جي گهڻائي کي ڪفالت کان محروم ڪرڻ، انهن کي غلام بڻائي، انهن جي محنت جو استحصال ڪرڻ ۽ انهن کي ڍورن ڍڳن واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪرڻ کي مشرڪاڻو معاشرو قرار ڏنو ويو. اهي چند ماڻهو جيڪي دولت تي قبضو ڪري پاڻ کي "اِلٰه– ملڪ ۽ رب" سمجهڻ لڳا، انهن کي پيغمبرن طاغوت قرار ڏنو ۽ انهن کي مٽائڻ، نيست و نابود ڪرڻ ۽ انهن جي عهدن، اختيارن ۽ دولت کي پائمال ڪرڻ اصل ايمان ۽ توحيد جو مرڪزي نڪتو تصور ڪيو ويو. ان ڪري قرآن مجيد ۾ پڻ ڇتائي سان اها ڳالهه چئي وئي ته "طبقاتي نظام" جنهن ۾ دولت کي، حڪومت کي، انسان جي بغاوت کي ۽ ان جي ذاتي مفاد، سڌن ۽ خواهشن کي "اِلٰه" جو درجو ڏنو وڃي ٿو اهو هڪ طاغوتي ۽ مشرڪاڻو نظام آهي، جنهن کي ميٽائڻ، ان سان بغاوت ڪرڻ ۽ ان جي خلاف مزاحمت ڪرڻ توحيد ۽ ايمان جي تقاضا آهي.

أَفَرَأَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ (الجاثية: ٢٣)

انهيءَ سرڪش انسان جي اوهان کي خبر آهي جنهن پنهنجي خواهشن، سڌن، عهدن، اختيارن ۽ دولت جي آڪڙ کي پنهنجو خدا قرار ڏنو آهي ۽ هو انهن جي پوڄا ڪري ٿو."

"سرمايه داري ۽ طبقاتي نظام سنئون سڌو ڪفر ۽ شرڪ جو نظام آهي. ان نظام جي موجودگي ۾ ايمان ۽ توحيد جو خاتمو ٿي وڃي ٿو.

قُلْ أَعُوذُ بِرَبِّ النَّاسِ ○ مَلِكِ النَّاسِ ○ إِلَٰهِ النَّاسِ ○ (الناس: ١–٣)

"انسانن جو رب، انسانن جو حاڪم ۽ انسانن جو معبود هڪ آهي."

۽ سڀ انسان به "عبديت" ۾ برابر آهن. ان ڪري ربوبيت، حاڪميت ۽ معبوديت ۾ سڀني کي هڪ صف ۾ ڪِٽيو ويندو. هي ڪيڏو وڏو ظلم ۽ شرڪ عظيم آهي ته عبادت ۾ سمورا هڪ

جهڙا آهن. نماز جي صفن ۾ وڏو ۽ ننڍو برابر آهن پر قانون ۾ تفاوت ڪيو ٿو وڃي ته هن تي قانون لڳندو ۽ هن ڏوهه به ڪيو آهي ته قانون لاڳو نه ٿيندو ۽ دولت جا وسيلا هن وٽ گڏ ٿيندا وڃن، هن وٽ فيڪٽريون، ملون، ڪاروبار، جايون ۽ محلات، اختيار ۽ عهدا سڀ ڪجهه موجود هجن پر انسانن جي گهڻائي بک، بيماري، علاج، اٽي لٽي ۽ اجهي کان محروم، ڏکن، دردن ۽ اهنجن ۾ مبتلا ۽ سموري عمر تڙپندي تڙپندي زندگي گذاري مري وڃي پر ڪيس رياست ڪفالت کان به محروم رکي. ڇا اهو مشرڪانه ۽ طاغوتي معاشرو ناهي؟ ڇا ربوبيت جي نظام جو قيام خدا جي مشيت ناهي؟ توحيد جي تقاضا ناهي؟ ايمان جي عملي تصور ۾ شامل ناهي؟ پيغمبرن (عليهم السلام) طبقاتي معاشرن کي ٽوڙي توحيد تي مبني معاشرن کي قائم ڪيو جيڪي اجتماعي عدل جا ضامن هئا.

سيدنا موسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ حڪم فرمايو ته:

اذْهَبْ إِلَىٰ فِرْعَوْنَ إِنَّهُ طَغَىٰ (طه: ٢٤)

”اي موسيٰ! فرعون ڏانهن پيغام کڻي وڃ! اهو هڪ سرڪش انسان بڻجي ويو آهي.

وَجَعَلَ أَهْلَهَا شِيَعًا (القصص: ٤)

فرعون پوري قوم کي طبقن ۽ ٽولن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي.“

هن ڪن ماڻهن کي ضعيف ڪمزور بڻائي، دولت جي وسيلن کان محروم ڪري غلام ڪري رکيو آهي ۽ ڪن خوشامندين کي طاقتور ڪري رکيو آهي. ان ڪري اهڙي باغي انسان کي نيست و نابود ڪرڻ اسان جي مشيت ۾ آهي.

وَنُرِيدُ أَنْ نَمُنَّ عَلَى الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا فِي الْأَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِينَ (القصص: ٥)

”اسان گهرون ٿا ته جن شخصن کي ڪمزور، محتاج ۽ محروم ڪيو ويو آهي ۽ جن کي بکن ڏکن ۾ گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي، انهن کي قومن جو رهنما بڻايون ۽ انهن کي زمين جي خزانن جو وارث ڪيون ۽ ظالمن ۽ سرڪشن کي پائمال ڪري عبرت جو نشان بڻايون.“

حضرت سيدنا خاتم الانبياءِ والمرسلين ﷺ جن ته هڪ مڪمل انقلابي نظريي سان دنيا ۾ ان وقت تشريف فرما ٿيا جڏهن هيءَ دنيا طبقاتي معاشري ۾ ورهايل هئي. انسان منڊين ۾ ڍورن وانگر وڪامندا هئا. معتبرائپ جي آڪڙ سبب ڇوڪرين کي جيئرو قبرن ۾ پوريندا هئا. عورت ٻانهي هئي جيڪا عياشي ۾ استعمال ٿيندي هئي ۽ جنهن جي عصمت فروشي دولت جو ذريعو هئي. اهڙي اونده انڌوڪار جي دور ۾ پيغمبر اسلام ظالمن، سرڪشن ۽ مستڪبرن کي للڪاريو ۽ اهڙي طبقاتي مشرڪانه معاشري کي ميٽائڻ خاطر اڪيلي سر ميدان ۾ نڪري آيا. انساني تاريخ جي اها هڪ وڏي ڪشمڪش هئي، هڪ وڏي مزاحمت هئي، هڪ وڏو ٽڪراءُ هيو جيڪو ٦١٠ع ۾ مڪي جي سر زمين ۾ ظاهر ٿيو. مڪي جي مقدس زمين ان وقت غلامن سان ڀريل هئي. انساني آزادين جي هن پيغام ٻانهن ۾ ڦرڦوٽ پيدا ڪئي. هو پنهنجن آقائن جي خلاف نڪري نروار ٿيا ۽ سيدنا محمد ﷺ جي چوڌاري ڪٺو ٿيندا ويا. پوءِ ظلم، ستم ۽ جبر جي چڪي ڦرندي وئي پر بلال، صهيب، عمار، ياسر، سميه، خبيب، فهيره ۽ مڪي جي با اثر ماڻهن، ابوبڪر، عثمان تائين به توحيد جي معاشري قائم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪين شديد ايذاء پهچايا ويا. انهن کي پنهنجي وطن کان لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. پر نيٺ اها



ڪشمڪش پنهنجي منزل تائين پهتي. ظالم، جابر ۽ مستڪبر نابود ٿي ويا. ڪي جهنم رسيد ٿيا، ڪن هٿيار ڦٽا ڪيا، ڪن اطاعت قبول ڪئي ۽ جزيرة العرب ۾ توحيد جو معاشرو قائم ٿي ويو. دنيا جا خزانا انهن جي پيرن ۾ پوندا رهيا.

ان توحيدي معاشري جي هڪ جهلڪ ملاحظ فرمايو:

سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جو دور آهي. يمن جو علائقو جيڪو سر سبز ۽ خوشحال ليکيو ويندو هو. ان علائقي تي حضرت معاذ بن جبل رضه کي گورنر مقرر ڪيو ويو. ان علائقي مان جيڪي زڪوات ۽ صدقات جمع ٿيا انهن جو ٽيون حصو بيت المال مدينه طيبه ڏانهن موڪلي ڏنو ويو. حضرت عمر رضه مبارڪباد بجاءِ ڪيس تنبيهه نامو ڏياري موڪليو ته هي ايترو مال مديني ڇو موڪليو اٿيئي؟ اسان توکي ان ڪري گورنر نه ڪيو هيو سون ته مال حاصل ڪري اسان ڏانهن موڪلي ڏي. اتان جو مال اتي حاصل ڪري اتان جي غريبن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏ. حضرت معاذ رضه جواب موڪليو ته هن علائقي جا ماڻهو ايترا خوشحال ۽ مالدار آهن جو ڪو هڪ ماڻهو به مال وٺڻ لاءِ تيار ناهي. سڀ ڏيڻ لاءِ ئي آتا آهن. هاڻي دولت کي مان ڪهڙي تصرف ۾ آڻيان؟

عبدالحميد بن عبدالرحمان، عراق جو گورنر هو. هن رعيت ۾ سمورا وظيفا ورهائڻ کان پوءِ مرڪز کي لکيو ته ڪافي رقم موجود آهي، ان کي ڪهڙي استعمال ۾ آڻيان؟ حڪم مليو ته جن ماڻهن تي قرض موجود آهن، انهن جا قرض ادا ڪرڻ لاءِ رقم استعمال ڪريو. جڏهن قرض ادا ٿي ويا ته چيو ويو ته اڃان ڪافي رقم موجود آهي. حڪم ڏنو ويو ته جن شخصن جون شاديون نه ڪيل آهن، انهن جي شادي ڪرڻ ۾ تعاون ڪيو. انهن جي مهر ادا ڪرڻ ۾ رقم استعمال ڪيو. جڏهن شاديون ٿي ويون ته چيو ويو ته اڃان به رقم موجود آهي. حڪم ڏنو ويو ته غير مسلمن کي زراعت وڌائڻ ۽ انهن جي زرعي اخراجات ۾ رقم کي استعمال ڪريو.

سيده عائشه صديقه رضي الله عنها کي ٻارنهن هزار درهم سالانه وظيفو رياست طرفان ملندو هو. ان کان سواءِ به ڪيترا اصحاب ڪرام ڪيس هديا، تحفا ۽ صدقات عطا ڪندا رهندا هئا. مگر سيده صديقه سموري مال کي غريبن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي ۽ گهر ۾ ڪو به مال يا دولت ذخيرو ڪري نه رکندي هئي. هڪ دفعي حضرت عبد الله بن زبير ڪيس حجت ڪندي چيو ته عائشه! سڀ مال خرچ ڪرين ٿي ڪجهه ته پاڻ وٽ رکندي ڪر. متان ڪڏهن تڪليف ۾ اچين وڃين. ان ڳالهه تي سيده کي سخت ڪاوڙ اچي وئي ۽ چوڻ لڳي ته تون مونکي دولت جمع ڪرڻ جو مشورو ٿو ڏئين ۽ سچائپ جو خطرو ٿو ڏيارين. بس هاڻي مون سان نه ڳالهائيندو ڪر نه ايندو ڪر، نه ويندو ڪر. توسان قطع ڪلامي آهي. حضرت ابن زبير رضه سخت پريشان ٿيو. معافيون وٺڻ لڳو پر سيده گهڻو عرصو ان ڳالهه تي ناراض رهي. فقط ان نڪتي تي ته تون مونکي مال جمع ڪرڻ جو مشورو ڇو ڏنو؟ نيٺ حضرت عبد الله بن زبير رضه اڪابر اصحابِ رسول ﷺ کي منٿون ڪري سيده صديقه رضي الله عنها جي خدمت ۾ سفارش ۽ معاف ڪرڻ لاءِ آندو جن جي درخواست تي سيده صديقه معافي ڏني ۽ ڪائونس عهد ورتو ته وري ڪڏهن به مال دولت متعلق مونکي خرچ ڪرڻ کان اشاري ۾ به ڳالهه نه ڪندين.

هي آهي سنتِ رسول ﷺ جي پيروي ۾ اصحاب رسول ﷺ جو قائم ڪيل ”توحيدي معاشرو“. جنهن ۾ مال دولت جمع ڪرڻ، سرمايہ داري نظام ڪي وجود ۾ آڻڻ، مسڪينن ڪي گهرجن کان محروم ڪرڻ کان شديد نفرت هوندي هئي ۽ خلافت سمورن انسانن جي ڪفالت لاءِ ضامن هوندي هئي. خلافت جي عادلانہ ۽ منصفانہ معاشري جي ٽٽڻ کان پوءِ جڏهن ملوڪيت ۽ بادشاهي سسٽم شروع ٿيو تہ پهرين بدعت اها سامهون آئي تہ مال ۽ دولت ڪي چند هٿن جي قبضي ۾ رکيو ويو ۽ هڪ خاص طبقي لاءِ آهستي آهستي زمين جي ملڪيت ڪي جائز ٻڌائي ان ڪي غير محدود ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. ان طرح جاگيرداري ۽ سرمايہ داري جو رواج پيدا ٿي ويو. قرآن مجيد ۾ سون چاندي جي خزانن ڪي جمع ڪرڻ کان روڪيو ويو هو ۽ ان لاءِ عذاب جي تنبيهہ ڪئي وئي مگر چند ماڻهن دولت جا انبار جمع ڪرڻ شروع ڪيا. فقط اڍائي في صد رقم ڏيئي پنهنجي دولت ڪي پاڪ سمجهڻ لڳا. اهڙي طرح هزارين ايڪڙ زمين تي قابض ٿي هارين جو هڪ طبقو يعني پراڻي غلامي ڪي ٻيهر وجود ۾ آندو ويو. مذهبي پيشوائيت بہ جاگيرداري ۽ سرمايہ داري يعني ٻين لفظن ۾ طبقاتي مشرڪانہ نظام جون پاڙون پختيون ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ”من احيا الارض فهي له“ جنهن زمين پاڻ آباد ڪئي اهائي ان جي آهي، جنهن ٽي سال لاڳيتو پاڻ زمين غير آباد رکي تہ ان جي ملڪيت نہ رهندي، اهڙي واضح ارشاد رسول ﷺ کي نڪرايو ويو. ” مَاذَا يُنْفِقُونَ ؟ قُلِ العَفْوَ “ ضرورت کان وڌيڪ دولت گهرج وارن کي ڏيئي ڇڏيو.) قرآن ۽ ارشاد رسول ﷺ جي خلاف فتوائون جوڙڻ ۽ سرمايہ دارن ۽ جاگيردارن جي حق ۾ اجتهاد ڪرڻ ۽ ربوبيت جي توحيدي نظام کي نابود ڪرڻ، ڇا اهو يهودين ۽ عيسائين جي احبار ۽ رهبان وارو ڪاروبار ناهي. ڇا امت مسلمہ انهن مشرڪانہ تصورن جي موجودگي ۾ ڪو انقلاب، ڪا نئين تعمير يا نشاة ثانيہ ڪري سگهي ٿي؟

> حق پرستي جي واٽ ۾ سڀ کان وڏي آزمائش چاندي جي چمڪ ۽ سون جي رنگت ۾ آهي ۽ جيڪڏهن اوهان ان دشوار راه کان لهنگي ويا تہ پوءِ توهان جي همت بي پرواهہ ۽ حوصلو هميشہ بلند ۽ بي خوف آهي. لوڀ جي ان ناپاڪ ديو جو چنبو سخت ۽ انساني دل تي گرفت ڏاڍي مضبوط آهي. مايا جي ان لوڀ قوم جي فردن کان غيرن اڳيان جاسوسي ڪرائي. ان وطن جي جوانن کي پڪڙايو ۽ غيرن جي قدمن تي اخلاق جي ناپاڪي ۽ جذبن جي غلاظت جي گند ۾ ڪيرائي ڇڏيو، تہ جيئن پنهنجي وطن، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي مذهب، پنهنجي قوم ۽ پنهنجن ماروئڙن خلاف مخبري ڪن! ان وڏن وڏن ملڪن ۽ ملت جي مخدومن جي سالن جي ڪمائي کي هڪ گهڙي ۾ برباد ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي ڀورن وانگر ذليل ڪري ڇڏيو تہ جيئن ورهين جي سچائي کي هڪ لمحي جي لطف ۽ لوڀ لاءِ قربان ڪن. افسوس! انسانيت لاءِ اهو ناپاڪ روح آهي. جيڪو وڏن وڏن پؤتر جسمن، نوراني چهرن، وڏين وڏين علم ۽ عمل تي اڏول دلين ۾ واسو ڪري ويو آهي. فرشتن جهڙو ڪردار رکندڙ شيطانن جهڙا ڪرتوت ۽ ملڪوتي صفتون رکندڙ هستين خونخوار درندن جهڙا ڪم ڪيا آهن. (مولانا ابوالڪلام آزاد)



محمد انس راڄپر

# ”ولـي“ ڇـا آهــي

الله جي طرفان دنيا ۾ ڪو عهدو ۽ رتبو، جيڪڏنهن ڪنهن انسان کي ڏنو ويو آهي، تہ اهو صرف رسول ۽ نبي جو عهدو ۽ رتبو آهي. جنهن انسان کي الله رسالت ۽ نبوت لاءِ منتخب ڪندو آهي، تنهن کي رسول ۽ نبي چئبو آهي. اهل تشيع پائر نبوت کان سواءِ ولايت کي بہ هڪ اهڙو عهدو ۽ رتبو سمجهندا آهن، جيڪو سندن نظر ۾ رسالت ۽ نبوت وانگر خدا جي طرفان وهبي طور ملندو آهي. ان تصور تحت انهن جي ڪلمي ۾ نبوت جي اقرار سان گڏ ولايت جو اقرار بہ شامل آهي.

اهل سنت جي هڪ طبقي وٽ پڻ ”ولايت“ هڪ عهدو ۽ رتبو آهي. جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي خاص بندن کي عطا ڪندو آهي. ولايت بابت اهل سنت جي هن طبقي ۽ اهل تشيع ۾ فرق اهو آهي، تہ اهي ولايت کي ”ڪسبي“ تصور ڪندا آهن. معنيٰ اهو عهدو محنت ڪري هرڪو حاصل ڪري سگهي ٿو، جڏهن تہ اهل تشيع ۾ اهو وهبي آهي. تصوف جي سلسلن ۾ ولايت سان گڏ ان جهڙا ٻيا بہ رتبا ۽ عهدا آهن، جن جي درجي بندي بہ ٿيل آهي. ان تناظر ۾ ولايت تي بحث ڪبو تہ اهو تمام ڊگهو ٿي ويندو. هتي اسان اهو بحث ڪنداسين تہ قرآن شريف ۾ ولايت ڪو اهڙو عهدو يا رتبو آهي يا نہ؟ قرآن ۾ لفظ ولي بہ آيو آهي. ان جو جمع اولياء بہ آيو آهي. الله ڏانهن اضافت سان اولياء الله بہ آيو آهي.

هن جو اصل مادو آهي و ل ي. وليہ يليہ وليا جي معنيٰ آهي، جاءِ نسب وغيره ۾ ويجهو ٿيڻ. ولي يلي ولاية جي معنيٰ آهي، مدد ڪرڻ. انهن ٻن صيغن جي هڪ صورت ۾ معنيٰ ٿيندي دوست ۽ مائٽ. ٻي معنيٰ ٿيندي مددگار ۽ حامي. قرآن شريف ۾ مدد جي معنيٰ ۾ هي لفظ هن آيت ۾ استعمال ٿيو آهي:

هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ هُوَخَيْرٌثَوَابًا وَّ خَيْرٌعُقْبًا (الڪهف: 44)

”اتي ولايت (مدد ڪرڻ) سچي الله جي اختيار ۾ آهي، ان جو ثواب سڀ کان سٺو ۽ ان جو ڏنل بدلو سڀ کان ڀلو آهي.“

ساڳيو ولايت جو لفظ هڪ ٻئي جي مدد، ڀائپيءَ (مواخات) ۽ دوستيءَ جي معني ۾ بہ استعمال ٿيو آهي. جيئن شروع هجرت جي زماني ۾ مهاجر ۽ انصار صحابہ ۾ مواخات ۽ ولايت قائم ڪئي وئي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ الله تعاليٰ فرمايو تہ اهي هڪ ٻئي جا اولياءَ (دوست) آهن. فرمان آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا (الانفال ٧٢)

”بيشڪ جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ پنهنجي جان ۽ مال سان الله جي رستي ۾ جهاد ڪيو، ۽ جن (انهن کي) پنهنجي گهرن ۾ ٽڪايو ۽ (انهن جي) مدد ڪيائون، سي هڪ ٻئي جا اولياء

(دوست) آهن. جن ايمان آندو (پر) هجرت نہ ڪيائون انهن جي ولايت (دوستي) سان اوهان جو ڪوبہ ڪم ناهي، جيستائين اهي هجرت ڪن.“

ساڳيو لفظ ڪافرن ۽ ظالمن جي هڪ ٻئي جي دوست هئڻ جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيو آهي. جيئن:

وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بَعۡضُهُمۡ اَوۡلِيَآءُ بَعۡضٍ‌ؕ (الانفال: ٧٣)

”جن ڪفر ڪيو آهي، سي هڪ ٻئي جا اوليا (دوست) آهن.“

وَ اِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ بَعۡضُهُمۡ اَوۡلِيَآءُ بَعۡضٍ‌ۚ (الجاثيہ: ١٩)

”۽ بيشڪ ظالم هڪ ٻئي جا اولياء ( دوست) آهن“

هنن آيتن جي روشنيءَ ۾ اولياء ۽ ولي مؤمن بہ ٿي سگهن ٿا، تہ ڪافر بہ ٿي سگهن ٿا، پر مؤمن مؤمن، جو ولي ٿيندو، ڪافر، ڪافر جو ولي. يعني مؤمن، مومن جو دوست ۽ ڪافر، ڪافر جو دوست ٿيندو. مومن کي اجازت ناهي تہ اهو ڪافر کي پنهنجو ولي (دوست) بنائي. جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

لَا يَتَّخِذِ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ الۡكٰفِرِيۡنَ اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ‌ۚ .(آل عمران: ٢٨)

”مؤمن ڪافرن کي پنهنجا اولياء (دوست) ڪري نہ وٺن، مؤمنن کان سواءِ.“

قرآن شريف ۾ جتي مومن کي مومن جو ولي (دوست) قرار ڏنو آهي، اتي الله تعالي پاڻ کي بہ مومنن ۽ متقين جو ولي (دوست) قرار ڏنو آهي. جيئن سندس فرمان آهي: ”وَ اللّٰهُ وَلِيُّ الۡمُتَّقِيۡنَ“ (الجاثيہ: ١٩)(الله متقين جو ولي (دوست) آهي. ٻئي هنڌ وڌيڪ تفصيل سان الله تعالي پاڻ کي مومنن جو ولي (دوست) ۽ شيطاني ۽ باطل قوتن کي ڪافرن جو ولي (دوست) سڏيو آهي. فرمان آهي:

اَللّٰهُ وَلِىُّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ۙ يُخۡرِجُهُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ‌ؕ وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَوۡلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوۡتُ ۙ يُخۡرِجُوۡنَهُمۡ مِّنَ النُّوۡرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ‌ؕ (البقره: ٢٥٧)

”الله مومنن جو ولي (دوست) آهي انهن کي اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ڏانهن ٿو آڻي ۽ جن ڪفر ڪيو آهي، انهن جا اولياءَ طاغوت آهن، جيڪي کين روشنيءَ مان ڪڍي اونداهين ڏانهن آڻين ٿا“

هنن آيتن جي روشنيءَ ۾ هر مؤمن ٻئي مؤمن جو دوست ۽ مددگار آهي. مؤمن جي اهڙي قسم جي دوستي، محبت، ولايت ۽ معاونت دين جو اصل مقصد آهي. اهو ئي سبب آهي جو نبيﷺ جن مديني شريف ۾ جڏهن اسلامي رياست جو بنياد وڌو تہ هي حڪم جاري ڪيائون تہ مؤمن پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا اولياء، دوست ۽ مددگار آهن. ۽ اها مؤمنن جي مؤمنن لاءِ ولايت- ايمان، جهاد ۽ هجرت جي شرطن سان مشروط آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي ايمان ۾ ڪوتاهي ٿي، جهاد ۽ هجرت جي عمل ۾ ڪوتاهيءَ جو ڪنهن ارتڪاب ڪيو تہ ان سان ولايت، محبت ۽ دوستي جو تعلق بہ ختم ٿي ويندو. جيئن مٿي ذڪر ڪيل سورت انفال جي آيت نمبر ٧٢ ۾ اهڙي هدايت ڏسي چڪاسين. ان ڪان علاوه نيڪيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد جو قرآن حڪم بہ ڪيو آهي. جيئن فرمان آهي: ”وَتَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡبِرِّ وَالتَّقۡوٰى“ (المائده: ٢)(نيڪيءَ ۽ تقويٰ ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪيو) حقيقت ۾ مؤمنن جو پاڻ ۾ محبت، مودت، مواخات ۽ موالات جو



شروع اسلام ۾ مهاجر ۽ انصار صحابہ جي مواخات جهڙو نمونو اڄ بہ جيڪڏهن زنده ٿي پئي تہ هوند اسان جو معاشرو جنت نظير بڻجي پوي. ۽ ان مواخات ۽ موالات جو تعلق معاشري ۽ سماج جي مڙني زندگيءَ جي شعبن سان هو. الله هر مؤمن کي ٻئي مومن جو اهڙو ولي ۽ دوست ڏسڻ ٿو چاهي، جيڪو ٻئي مؤمن جو مددگار، پرجهلو ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي زندگي گذاري. اهو ڪم مومن پنهنجي انفرادي زندگيءَ ۾ بہ ڪن ۽ مسلمانن جي اجتماعي زندگيءَ ۾ انهن جون جماعتون ۽ رياست بہ هن ڳالھ جون ذميوار آهن تہ اهي ضرورت پٽاندر مددگاري، پرجهلائي ۽ ڪفالت جو نظام وجود ۾ آڻين.

باقي اهڙو ”ولي“ جيڪو عام مؤمنن ۽ مسلمان ٻانهن کان الڳ ٿلڳ ڪنهن خاص مقام جو صاحب هجي ۽ ٻيا مؤمن ان جي آڏو ٻانهون ٻڌي مدد ۽ واهر لاءِ دعائون گهرندا هجن، اهڙي ڪنهن ولي جو تصور قرآن ۾ موجود ڪونهي.

اصل ۾ هيءُ تصورات مسلمانن ۾ ان وقت کان پنهنجي لاءِ گنجائش ناهڻ لڳا جڏهن کان مسلمانن ۾ اسلام جو اجتماعي نظام زندگي نہ رهيو. باهمي مواخات ۽ موالات نہ رهي، نہ ايمان رهيو نہ عمل رهيو، نہ جهاد رهيو نہ هجرت ۽ ان اجتماعي ديني نظام لاءِ نہ ڪوششون رهيون، تڏهن نالي ۾ مسلمان چوائيندڙ خلق اهو سمجهڻ شروع ڪيو تہ ديني نظام- اخلاق، عمل ۽ ڪردار اسان پارن عام ماڻهن جي وس جي ڳالھ ناهي. اهو ڪم اهي ڪري سگهندا جيڪي پهتل هجن، جيڪي عام انساني فطرت کان ڪنهن مٿاهين فطرت جا مالڪ هجن. ان لاءِ عام ماڻهن پنهنجي جندُ ديني نظام مان ڇڏائڻ لاءِ اهڙا خيالي شخص پيدا ڪيا جيڪي سندن خيال ۾ دين جا صاحب آهن، الله وٽ پهتل آهن، انهن جي سڌي الله سان ڏيٺ ويٺ آهي. اسان ماڻهو انهن کي نذرونياز ڏئي، انهن جا هٿ پير چمي پنهنجي ڪا سولي ڪري سگهون ٿا، نہ تہ چہ نسبت خاڪ را بہ عالم پاڪ جي چوڻ مطابق اسان جي ڪهڙي جاءِ جو پاڪيزه عملن جا صاحب بڻجي سگهون!. نتيجو ان جو اهو نڪتو جو عام مسلمان ايمان ۽ عمل جي اهڙي رتبي کان پري ٿي بيهي رهيا ۽ عام فطرت کان مٿاهين قسم جا ماڻهو ٿيا وڃي. الله جا ولي. حالانڪ قرآن شريف ۾ ڪٿي بہ ڪنهن اهڙي ولي جو ذڪر ڪونهي، جيڪو مومنن جي صفن کان مٿاهون مومنن جي مدد ڪرڻ وارو هجي، جنهن کي ولايت جي عهدي يا رتبي جو صاحب چئجي. قرآن جي نظر ۾ هر مؤمن جيڪو ديني نظام جو حامل، ايمان، جهاد ۽ هجرت جو صاحب آهي، اهڙو هر مؤمن ٻئي مؤمن جو ولي ۽ دوست آهي ۽ الله اهڙن سڀني مومنن جو ولي ۽ دوست آهي ۽ جيڪو اهڙو مومن ناهي، تنهن جي ولايت ۽ دوستيءَ سان نہ مسلمانن جو ڪجھ وڃي، نہ ئي الله انهن جو ولي ۽ مددگار ٿيندو. نہ صرف ايترو پر جيئن الله مومنن کي جهليو آهي تہ ڪافرن کي پنهنجو ولي ۽ دوست ڪري نہ وٺن، تيئن پنهنجي صفن کان ٻاهر ڪنهن مٿاهين هستيءَ کي پنهنجو ولي ۽ دوست بنائڻ کان منع ڪئي آهي. مومنن لاءِ اهڙي ڪا مٿاهين هستي جنهن کي هو پنهنجو ولي ۽ دوست قبول ڪن، سا صرف الله جي هستي آهي. هڪ نہ پر تمام گهڻيون اهڙيون آيتون قرآن ۾ موجود آهن، جن ۾ هيءُ مضمون بيان ٿيو آهي. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پنهنجو مددگار ۽ ولي بنائڻ کي ڪمزور سهارو ۽ تمام ڪمزور حفاظت قرار ڏيندي الله فرمائي ٿو:

مَثَلُ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَوۡلِيَآءَ كَمَثَلِ الۡعَنۡكَبُوۡتِ‌ ۖۚ اِتَّخَذَتۡ بَيۡتًا‌ ؕ وَاِنَّ اَوۡهَنَ الۡبُيُوۡتِ لَبَيۡتُ

الْعَنْكَبُوْتِ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ(العنڪبوت: ٤١)
"الله کان سواءِ جن کي انهن پنهنجا اولياءِ (مددگار) بنايو آهي، تن جو مثال ائين آهي جيئن ڪوريئڙو هجي جنهن پنهنجي حفاظت لاءِ گهر ناهيو. حالانڪ جيڪڏهن ڄاڻن ته ڪوريئڙي جو گهر گهرن ۾ سڀني کان وڌيڪ ڪمزور هوندو آهي."

نبيﷺ جن کي چيو ويو ته تون به چئو!
اِنَّ وَلِیِّ ءَ اللّٰهُ الَّذِیْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ۖ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ (الاعراف: ١٩٦)
"بيشڪ منهنجو ولي الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو ۽ اهو صالحن کي دوست ۽ ولي بنائيندو آهي"

ٻئي هنڌ ڪين الله فرمايو:
قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ ؕ (الانعام: ١٤)
"چئو! ڇا الله کي ڇڏي ٻين کي آءٌ پنهنجو ولي بڻايان؟ حالانڪ الله ۽ آسمان زمين پيدا ڪندڙ آهي، ڪارائڻ وارو آهي، ڪيس ڪير ڪونه ٿو ڪارائي."

هن مان ثابت ٿيو ته ولايت يا ولي مومن جي صفت آهي، عهدو ناهي، هيءَ صفت اسلام جي معاشرتي ۽ معاشي نظام جو الڳ نه ٿي سگهندڙ جزو آهي. بلڪ هيئن چوڻ اجا وڌيڪ صحيح ٿيندو ته ڪنهن جڳهه تي جيڪڏهن اسلام جو عملي نظام قائم ٿيو ته انسانن ۾ لازمي نتيجي جي طور اها ولايت ۽ اخوت شروع زماني جي مهاجر ۽ انصار صحابه جي مواخات ۽ موالات وانگر هڪ خوبصورت ٻوٽي وانگر ڦٽي، نڪري ۽ نروار ٿي بيهندي. مواخات ۽ موالات جي ان وصف جي نتيجي ۾ هر مومن حق جي ۽ هڪ ٻئي سان مرحمت ۽ ٻاجهه جي تلقين ڪندو رهندو. جيئن قرآن شريف ۾ الله تعالي فرمايو آهي:
"ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ "
"پوءِ جن ايمان آندو آهي، سي حق ۽ مرحمت جي تلقين ڪندا رهن ٿا."

صحابه به موالات جي نتيجي ۾ رحماءُ بينهم جي وصف جا صاحب ٿيا، جن جي اهڙي هڪ ٻئي سان محبت ڀري معاشرت جي ثمر بار وڻ ۽ ٻوٽي کي هن مثال سان الله تعالي تورات، انجيل ۽ قرآن ۾ بيان فرمايو آهي:
كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْـَٔهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ(الفتح: ٢٩)
"اهڙي پوک وانگر آهن، جنهن پنهنجا سلا ڪڍيا، پوءِ ان کي مضبوط ڪيائين، پوءِ ٿلهي ٿي، پوءِ پنهنجي ڪانن تي سڌي ٿي بيٺي، پوکيندڙن کي وڻڻ لڳي، تان ته ڪافرن جي جيءَ کي ساڙي."

الله اڪبر! اڄ مسلمان خدا جي ايڏي وڏي فرض کي وساري ويٺا آهن! اهي مسلمان جن کي صرف هڪ کان ڏڄڻو هو، هاڻي هر هڪ کان ڏڄڻ لڳا آهن. اهي حق چوڻ ۾ دولتمندن کان ڏڄن ٿا ۽ سوچين ٿا ته شايد ڪڏهن انهن جي ڪيسي جا چند سڪا، اسان جي جهولي ۾ اچي پون! اي دولت جي ديوتائن کان ڏڄڻ وارؤ! ڇا توهان تائين هن ڪائنات جي رزاق جو هي فرمان نه پهتو آهي ته، نحن نرزقهم و اياڪم (الاسراءِ) "اسان ئي آهيون جيڪي توهان کي ۽ انهن کي رزق پهچايون ٿا."



**مولانا ابوا الڪلام آزاد رحه**

# اسلام جي حقيقت، اسوه ابراهيمي ۽ قرباني

سڀ کان پهريان هن ڳالهه تي غور ڪرڻ ضروري آهي ته اسلام جي اها ڪهڙي حقيقت هئي جيڪا حضرت ابراهيم عليه اسلام جي زندگيءَ تي طاري ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ قرآن حڪيم ٻين قومن لاءِ حضرت ابراهيم کي پيشوا ۽ ان جي اسوه کي اسوه حسنه قرار ڏئي ڪري ٻين لاءِ نموني طور پيش ڪيو ۽ ان کي اپنائڻ جو ٻين قومن کي حڪم ڏنو.

اسلام جو مادو "سلم" آهي، هن مادي جي لغت جي لحاظ کان بنيادي معنيٰ آهي پاڻ کي ٻئي جي حوالي ڪري ڇڏڻ. ٻئي کي سونپڻ، خود حوالگي يا مڪمل تسليم، ٻئي جي اڳيان سر جهڪائي ڇڏڻ يا ٻئي جي قانونن ۽ حڪمن جي اڳيان پاڻ کي فنا ڪري ڇڏڻ.تنهن ڪري اسلام جي حقيقت به اها ئي آهي ته انسان پاڻ کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏي. پاڻ وٽ جيڪو ڪجهه اٿس، اهو ان جي حوالي ڪري ڇڏي. هن جو سڀ قوتون، صلاحيتون، خواهشون، سندس جذبا ۽ سڀ محبوب ترين شيون مقصد ته متي جي وارن کان وٺي پيرن جي آڱرن تائين جيڪي ڪجهه هن وٽ آهي، اهو سڀ خدا جي حوالي ڪري ڇڏي. پنهنجن اندروني ۽ ٻاهرين قوتن ۽ صلاحيتن سان پاڻ کي مڪمل طور تي ان جي حوالي ڪري ڇڏي. سڀ رشتا ختم ڪري رڳو هڪ رشتو رکي.

تنهن ڪري هڪ "مسلم" جي حقيقت هيءَ چئبي ته اهو پنهنجي جسم ۽ جان جا گهٽا خريدار نه بڻائي، بلڪ "هڪ" ئي خريدار سان پنهنجو نه ٽٽندڙ لاڳاپو قائم رکي. جيڪي پاڻ ان کان گهرندڙ آهن، انهن کان گهرڻ کي پاڻ بچائي.

قرآن حڪيم جي بيان جو هي عام اسلوب آهي ته اڳ ۾ هو هڪ خاص تعليم جو نڪتو يا اصول بيان ڪندو آهي ۽ ان کانپوءِ ان جي صداقت لاءِ گذريل امتن ۽ گذريل پيغمبرن (عليهم الصلاة والسلام) جي حالتن ۽ واقعن مان تاريخي گواهي پيش ڪندو آهي. ته جيئن قرآن جي پڙهندڙ جي اڳيان تعليم (اصول) ۽ ان تي مرتب ٿيندڙ عملي نتيجا ٻئي اچي وڃن. تنهن ڪري توهان ڏسندؤ ته قرآن حڪيم ۾ هڪ وڏو حصو گذريل نبين ۽ رسولن جي قصن ۽ سندن عملن جي باري ۾ آيو آهي. پر پوري قرآن مجيد ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڪامل بزرگ هستيءَ جي زندگيءَ کي نموني طور پيش ڪيو ويو آهي، ٻين کي ان جي نموني جي پيروي ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي آهي ته اهي صرف ٻه نمونا آهن: هڪ خود اسلامي شريعت جو داعي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم.
لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا (الاحزاب: ٢١)
"(مسلمانو!) توهان جي لاءِ يعني انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ (يا دنيا ۾ ئي ايندڙ وقت جي ڪاميابي جون) اميدون رکن ٿا ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪن ٿا، تن جي لاءِ الله جي رسول ۾ سهڻي ۾ سهڻو ۽ چڱي ۾ چڱو نمونو (۽ مثال) موجود آهي".

۽ ٻيو حنيفي ملت جي داعي ۽ اڳوڻ حضرت ابراهيم عليہ الصلوات والسلام جي باري ۾ ارشاد آهي:

قَدْ كَانَتْ لَكُمْ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِي إِبْرَاهِيمَ وَالَّذِينَ مَعَهُ (الممتحنة: ٤)

”بيشڪ ابراهيم ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا، تن (جي طريقي) ۾ اوهان لاءِ چڱي پيروي آهي.“

قرآن ۾ ڪيترن ئي گذريل نبين جا واقعا ۽ عملي ڪردار ذڪر ڪيا ويا آهن، پر پوري زندگيءَ ڪي نموني جي طور ڪنهن لاءِ پيش ڪيو ويو آهي تہ اهو حضرت ابراهيم عليہ الصلاة والسلام آهي. ڳالھ حقيقت ۾ هي آهي تہ قرآن ڪريم اسلام جي جنهن حقيقت کي دنيا ۾ پيش ڪرڻ چاهي پيو، ان لحاظ کان جيڪڏهن ڪو وجود يا هستي ٿي سگهيو پئي تہ اهو حضرت ابراهيم عليہ السلام ئي آهي. سندس زندگي اسلام جي حقيقت جو چٽو ڏيک ڏيندڙ هئي

اسلام هڪ صداقت آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اسلام دنيا ۾ ان وقت کان موجود آهي جڏهن کان دنيا ۾ صداقت موجود آهي. پر ان چٽي صداقت کي الاهي شريعت جي صورت ۾ سڀ کان اڳ ۾ حضرت ابراهيم ؑ ئي پيش ڪيو. انهيءَ ڪري قرآن ڪريم حضرت ابراهيم ؑ کي حنيفي ملت جي پهرئين واعظ ۽ داعي جي حيثيت سان متعارف ڪرايو آهي ۽ سندن وڏي خصوصيت هيءَ ٻڌائي آهي:

إِذْ قَالَ لَهُ رَبُّهُ أَسْلِمْ قَالَ أَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعَالَمِينَ (البقرة: ١٣١)

”۽ ڏسو جڏهن حضرت ابراهيم جي پروردگار کيس حڪم ڪيو تہ منهنجي اڳيان سر جهڪائي پورو پورو فرمانبردار ٿي. تڏهن حضرت ابراهيم هڪدم چئي ڏنو تہ مون سڀني جهانن جي پالڻهار اڳيان پنهنجو سر جهڪايو.“

جيئن تہ حضرت ابراهيم ؑ اسلام جو پهريون داعي هو تنهن ڪري سندن پوري زندگي خالص اسلام جو ڏيک ڏيندڙ هئي. سندن زندگيءَ جو هر عمل اسلام جي حقيقت جي ترجماني ڪندڙ هو. پاڻ اسلام جي تعليم ڏنائون، سندن زندگي پوري جي پوري ان مطابق هئي. ٻين لفظن ۾ پاڻ کي اسلام جي حقيقت ۾ فنا ڪري ڇڏيو هئائون. انهيءَ خود حوالگيءَ جو نتيجو آهي جو سندن نموني کي ”اسوه حسنہ“ جي لقب سان نوازي ٻين سمورن کي سندن جي پيروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

ان ئي اسلامي زندگيءَ جو نتيجو آهي جو خدا تعاليٰ سندن زندگيءَ جا سڀ عمل ڪروڙين انسانن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ زنده ڪري ڇڏيا آهن. سندن ذڪر کي قيامت تائين محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. 9 ذوالحج جي تاريخ تي دنيا جي سامهون ”اسوه ابراهيمي“ جو ڪهڙو نہ اڻ متجندڙ منظر هوندو آهي، جڏهن تاريخ پاڻ کي هزارين سال پوئتي موٽائي اسلام جي واعظ اول جي ياد تازي ڪرائيندي آهي. جڏهن هر انسان پاڻ کي اسوه ابراهيمي جو پيڪر سمجهي اسلام جي حقيقت پنهنجي مٿان طاري ڪندو آهي ۽ پورو مجموعو اسلام جي حقيقت جو عملي نظارو پيش ڪري تاريخ کي دهرائيندو آهي. لکن جي تعداد ۾ انسان هڪ لباس ۽ هڪ صدا سان ”هڪ“ جي ئي لاءِ ديوانن ۽ مجنونن وانگي ڊوڙندا آهن.

بي شڪ ابراهيم خليل پاڻ ناهن پر پوءِ بہ ڪروڙين انسانن جي دلين ۾ هميشہ قيامت تائين زنده رهندا:



وَوَهَبْنَا لَهُمْ مِنْ رَحْمَتِنَا وَجَعَلْنَا لَهُمْ لِسَانَ صِدْقٍ عَلِيًّا (مريم: ٥٠)

”۽ کين پنهنجي رحمت مان بخشش ڪيو سين ۽ پڻ انهن سڀني لاءِ سچائيءَ جون صدائون (آواز) بلند ڪيوسين (يعني سندن سچي ساراهہ پئي ڳائجي.)“

حقيقت ۾ حضرت ابراهيم ؑ جي هر ڳالھ اسلام هئي، پاڻ کي اسلام جي حقيقت ۾ اهڙي طرح فنا ڪري ڇڏيو هئائون جو سندن وجود باقي نہ رهيو هو.

جڏهن ستارن جي عجيب ۽ غريب روشني، چنڊ جي دل لڀائيندڙ چمڪ ۽ سج پنهنجي آب ۽ تاب سان سندن اڳيان آيو تہ اهو اسلام ئي هو جنهن اندران آواز ڏنو: ”اِنّي لَا أُحِبُّ الْآفِلِينَ“ (مان فنا ٿيندڙ هستين کي دوست نٿو رکي سگهان) ان ڪانپوءِ يڪدم سندن زبان تي هيءَ صدا اڀري آئي:

”إِنِّي وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ حَنِيفًا ۖ وَمَا أَنَا مِنَ الْمُشْرِكِينَ“ (الانعام: ٧٩)

(مان هر طرف کان پاڻ کي ڪٽي ڪري صرف ان هڪ ذات سان ئي لنءُ لاتو آهي جنهن زمين ۽ آسمان پيدا ڪيو آهي ۽ مان مشرڪ ناهيان)

بت پرستي جي سماج ۾ اکيون کوليندڙ، اهڙي گهر ۾ رهندڙ جتي هر هڪ جي هٿ ۾ بتن ناهڻ جا اوزار آهن. جڏهن هو ڪالديا جي بازارن ۾ وڃي تہ رڳو بت ئي بت آهن، جنهن انسان کي ڏسي، ان جو ڪنڌ بتن جي اڳيان جهڪيل آهي. هر طرف خدا فروشي جون صدائون هجن، پر اهو اسلام ئي هو جنهن هن کان چورايو:

الَّذِي خَلَقَنِي فَهُوَ يَهْدِينِ ۝ وَالَّذِي هُوَ يُطْعِمُنِي وَيَسْقِينِ ۝ وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ ۝ (الشعراء: ٨٠-٧٨)

(اهو پروردگار ئي منهنجو سڄڻ آهي) جنهن مونکي خلقيو ۽ اهوئي آهي جو مونکي سڌي واٽ تي ڏيکاري. ۽ جو مون کي کارائي ٿو ۽ پياري ٿو. ۽ جڏهن مان بيمار ٿيان تڏهن مونکي شفا ڏئي ٿو ۽ جو مون کي ماريندو ۽ وري جيئاريندو.)

حقيقت ۾ اِهائي اُها ”اسلامي حقيقت“ هئي، جنهن ان کي ايندڙ امتن لاءِ ”اسوه حسنہ“ بنائي ڇڏيو.

۽ اهائي انساني فطرت آهي، جنهن کي هڪ هنڌ ”فطرة الله“ سان تعبير ڪيو ويو آهي. هڪ هنڌ ان کي وري ”قلب سليم“ سان موسوم ڪيو ويو آهي. يعني انسان جي دل جي اهڙي پاڪ ۽ صاف حالت يا ڪيفيت جيڪا ٻاهرين برن اثرن کان بلڪل محفوظ هجي. ٻين لفظن ۾ اصلي فطرت جو اهو ذاتي ذوق ۽ مزو جنهن جو ذائقو ڪنهن عارضي بيماري جي اثر جي ڪري تبديل نہ ٿي وڃي. ڇو تہ انسان جي اندر ۾ جيڪو ڪجھ آهي، اهو اسلام ئي آهي. ڪفر خارجي اثرن جو نتيجو هوندو آهي.

۽ سڀ کان آخر ۾ هي تہ جڏهن اسلامي حقيقت جو آخري پر اصلي آزمائش جو وقت آيو تہ اهو اسلام ئي هو جنهن حضرت ابراهيم جي هٿ ۾ ڪاتي ڏني تہ جيئن پنهنجي فرزند عزيز کي خدا جي رستي ۾ ڏيئي ڪري خدا ڪانسواءِ باقي هر شيءِ جي محبت جي قرباني ڪري . اهو اسلام ئي هو جنهن حضرت اسمٰعيل جي ڪنڌ کي الله لاءِ جهڪائي ڇڏيو.

اسلام جي صدا حضرت ابراهيم ؑ جي چپن تي هنن لفظن سان تري آئي:

يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ۭ (الصّٰفّٰت: ١٠٢)

۽ وري حضرت اسماعيل جي زبان تي هي لفظ چورايا:

يٰٓاَبَتِ افۡعَلۡ مَا تُؤۡمَرُ ۫ سَتَجِدُنِیۡۤ اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ مِنَ الصّٰبِرِیۡنَ (الصٰفٰت: ١٠٢)

(اي منهنجا (پيارا) بابا! جيڪو توکي حڪم مليو آهي تنهن جي تعميل ڪري ڇڏ. تون ڏسندين تہ انشاءَ الله مان صابر رهندس.)

هي پيءُ پٽ جون نہ بلڪ اسلام جون صدائون آهن. اسلام اهڙي ئي قرباني گهري ٿو: لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰی تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ هر شيءِ کي قربان ڪري خدا جي پناھ ۾ اچڻ جو نالو ئي قرباني آهي. پنهنجن خواهشن ۽ ذاتي غرضن کي ڇڏڻ جو نالو ئي قرباني آهي. پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي پياري ۾ پياري شيءِ کي قربان ڪرڻ جو نالو قرباني آهي. ۽ اها ئي قرباني اسلامي حقيقت جو ٻيو نالو آهي.

توهان حضرت ابرهيم ۽ حضرت اسماعيل کي ڏسو! هڪ جذبن ۽ ارادن جي قرباني ڪري رهيو آهي تہ ٻيو وري پنهنجي جان ۽ نفس جي.

قرباني جي اهڙي ادا ۾ (جنهن ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏجي) بقا آهي ۽ اهڙي قرباني جو انعام خدا تعاليٰ جي طرفان هي آهي:

قَدۡ صَدَّقۡتَ الرُّءۡیَا ۚ اِنَّا کَذٰلِکَ نَجۡزِی الۡمُحۡسِنِیۡنَ (الصافات: ١٠٥)

(تہ اي منهنجا (پيارا) پٽ! مون خواب ۾ ڏنو آهي تہ توکي ذبح ٿو پيو ڪيان (يعني ڪهان ٿو پيو) پوءِ خيال ڪري ٻڌاءِ تہ تنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟)

بس هيءَ آخري حالت ئي اها اصلي حالت آهي جنهن کي آءٌ اسلامي حقيقت جي لفظ سان تعبير ڪندو آيو آهيان.

اهوئي اسلامي دعوت جو عملي نمونو آهي جيڪو حضرت ابراهيم جي صورت ۾ دنيا جي نقشي تي ظاهر ٿيو. جيڪو دنيا جي ٻين سمورن انسانن لاءِ اسوه حسنہ جي لقب سان نوازيو ويو. خدا اهڙي ئي قرباني گهري ٿو. حضرت ابراهيم ع ۽ محمد صلي الله عليہ وسلم جي شريعت اهري ئي قربانيءَ جو نالو آهي. ابراهيمي (۽ محمدي) اسوه اهڙي ئي قرباني جا مظهر آهن. اسلام جا سڀ عقيدا، سندس سڀ عمل اهڙي قربانيءَ جي تعليم پيش ڪن ٿا. بلڪ عقيدن ۽ عملن جو حقيقي روح اها ئي قرباني آهي. ۽ اهڙي قرباني جي جذبي کي هميشہ زندھ رکڻ لاءِ عيد الاضحي جو جشن مقرر ڪيو ويو آهي.

> قوم جي اخلاقي ۽ عملي نظام لاءِ هن کان وڌيڪ ڪابہ خطرناڪ ڳالھ ناهي، جو موت جو خوف، تڪليف جو ڊپ، عزت جو خيال، لاڳاپن جو لحاظ ۽ سڀ کان آخر ۾ ڪنهن بہ طاقت جو ڏاڍ ۽ ڏمر، فردن جي فڪر ۽ عمل تي جمود طاري ڪري ڇڏي. تان جو انهن جو ظاهري روپ، باطن جو عڪس نہ هجي. انهن جو قول، سندن دلي جي ايمان ۽ اعتماد جو اعلان نہ هجي. انهن جي زبان، سندن دل جي ترجماني ڪندڙ نہ هجي. اها ئي اُها شيءِ آهي، جنهن کي اسلام جي اصطلاح ۾ 'نفاق' ۽ 'ڪتمان حق' (حق لڪائڻ) چوندا آهن. ان کان وڌيڪ مڪروھ ۽ مبغوض شيءِ خدا جي نظر ۾ ڪونہ آهي.
>
> *(مولانا ابوالڪلام آزاد، صدين جون صدائون، ص139)*



مولانا وحيد الدين خان

# عيدالاضحيٰ جو پيغام

رسول الله ﷺ کان صحابہ ڪرام دريافت ڪيو تہ اي خدا جا رسول (ﷺ)! هيءَ قرباني ڇا آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ جواب ڏنو تہ اِها توهان جي پيءُ ابراهيم ؑ جي سنت آهي. (مسند احمد، جلد 4، صفحہ 368، ابن ماجہ، ڪتاب الاضاحي) هن حديث مبارڪ ۾ معلوم ٿيو تہ عيدالاضحيٰ جي حقيقت ڇا آهي؟ حضرت ابراهيم ؑ جي طريقي کي علامتي طور تي انجام ڏئي اُن کي عملي طور تي پنهنجي زندگيءَ ۾ شامل ڪرڻ جو عهد ڪرڻ، اها آهي قرباني.

عيدالاضحيٰ هر سال ذوالحج جي خاص تاريخن ۾ ملهائي ويندي آهي. قرباني دراصل حج جي عالمي عبادت جو حصو آهي. حج جو مقصد حضرت ابراهيم ؑ جي زندگيءَ جو مثالي نمونو Symbolic performance اختيار ڪرڻ آهي. هن جو هڪ حصو اهو آهي جيڪو هر جڳھ تي عيدالاضحيٰ طور ملهايو ويندو آهي. حضرت ابراهيم ؑ جو مشن عالمي دعوتي مشن هئو. پاڻ اُن مشن کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ جڳھ کان ٻي جڳھ جو سفر ڪيائون. پاڻ اِن ڪم لاءِ پنهنجي خاندان کي چونڊيو. پاڻ دعوتي مشن جو مرڪز جوڙڻ لاءِ ڪعبي جي تعمير ڪئي ۽ اُن جو طواف ڪيو. پاڻ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪري اِهو پيغام ڏنو تہ دنيا ۾ منهنجو ڊڪڻ ڀڄڻ صرف الله جي لاءِ هوندو. پاڻ قرباني ڪري اِهو عزم ڪيائين، تہ سندس زندگي الله جي ڪمن جي لاءِ وقف هوندي. پاڻ احرام جي طور تي سادو ڪپڙو پاتو ان ڪري تہ سندس زندگي مڪمل طور تي سادگي پسند هوندي. پاڻ شيطان کي پٿر هنيائين ۽ ان ڳالھ جو اظهار ڪيائين تہ هو پاڻ کي شيطان جي ورغلائڻ کان آخري حد تائين بچائيندو. وغيره

هن ابراهيمي طريقي جي زندگيءَ کي هر سال عيدالاضحيٰ جي موقعي تي تمام مسلمان پنهنجي پنهنجي جڳهن تي ادا ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح عيدالاضحيٰ حضرت ابراهيم ؑ جي سنت تي هلڻ جو ساليانو عهد آهي. اهو ئي اُهو طريقو آهي جنهن مطابق هر مسلمان کي عيدالاضحيٰ جي ڏينهن اهو ڏسڻ گهرجي تہ اُن ابراهيمي طريقي مطابق ان ڏينهن کي ملهايو يا نہ.

عيدالاضحيٰ جي ڏينهن مسلمان پنهنجي مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن سان ملاقاتون ڪندا آهن. اهي ملاقاتون ڄڻ تہ اُن دعوتي سرگرمي جي (تجديد) آهن جيڪي حضرت ابراهيم ؑ پنهنجي وقت جي انسانن ۾ سرانجام ڏنو. اهڙي طرح اڄ جي هر مسلمان کي پنهنجي زماني جي ماڻهن ۾ دعوتي سرگرمين کي ادا ڪرڻو آهي. پوءِ هر هنڌ مسلمان الله اڪبرالله اڪبر لااله الاالله والله اڪبر الله اڪبر ولله الحمد چوندي مسجدن ۽ عيدگاهن ۾ داخل ٿيندا آهن ۽ ٻہ رڪعتون عيد نماز پڙهندا ۽ امام جو خطبو ٻڌندا آهن. اهو سڄو عمل پنهنجي اندر اِن روح کي زنده رکندو آهي تہ مان خدا جي آواز تي هر وقت لبيڪ چوڻ لاءِ تيار آهيان ۽ اهو تہ پنهنجي پوري زندگي عبادت ۽ اطاعت ۾ گذاريندس. گڏوگڏ امام جي پويان نماز پڙهڻ ۽ خطبو ٻڌڻ ان ڳالھ جو ارادو ڪرڻ آهي تہ مان اجتماعي زندگي گذاريندس نہ ڪي انفرادي. عيدالاضحيٰ جي ڏينهن قرباني ڪئي ويندي آهي. قربانيءَ وقت هيءَ الفاظ پڙهيا ويندا آهن: اِنَّ صَلَاتِیۡ وَنُسُکِیۡ وَ مَحۡیَایَ وَ مَمَاتِیۡ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ (الانعام: ١٦١) يعني بيشڪ منهنجي نماز، منهنجي قرباني ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ صرف الله رب العالمين جي لاءِ آهي.

قربانيءَ وقت ادا ٿيندڙ اهي الفاظ ٻڌائين ٿا تہ قربانيءَ جو مقصد ۽ اُن جي حقيقت ڇا آهي؟ قرباني هڪ علامتي عهد آهي. ان جو مطلب آهي تہ عيدالاضحيٰ واري ڏينهن ماڻهو علامتي طور اهو عهد ڪري تہ سندس زندگي پوريءَ طرح خدا رخي زندگي هوندي. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ الله جي عبادت کي پنهنجي پورن تقاضائن مطابق شامل ڪندو ۽ پاڻ کي خدا جي مشن ۾ وقف رکندو.

احمدالدين شر بلوچ

# اسلام ۾ معاشي برابري

بيشڪ اسلام هڪ اهڙو دين آهي جيڪو فرد تي ڪجهه شرط لاڳو ڪري ڪيس جائز طريقي سان ملڪيت رکڻ جو مستعار حق ڏئي ٿو. ارشاد باري تعاليٰ آهي:
أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِمَّا عَمِلَتْ أَيْدِينَا أَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مَالِكُونَ ○ وَذَلَّلْنَاهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوبُهُمْ وَمِنْهَا يَأْكُلُونَ ○ وَلَهُمْ فِيهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ أَفَلَا يَشْكُرُونَ ○ (يٰس: ٧١-٧٣)
”اهي نٿا ڏسن ڇا ته جيڪي جيڪي اسان جي هٿن بڻايو آهي تنهن مان هڪڙي (نعمت) هيءَ آهي ته اسان هنن لاءِ ڍور ڍڳا خلقيا آهن، جن جا هو مالڪ بڻيا ويٺا آهن؟ ۽ اسان انهن ڍورن کي سندن تابع ڪري ڏنو آهي، سو انهن مان ڪن تي سواري ڪن ٿا ۽ ڪن (جي گوشت وغيره) کي ڪائن ٿا. ۽ انهن مان هنن لاءِ ٻيا به فائدا آهن ۽ پڻ پيئڻ جون شيون (کير، لسي وغيره) پوءِ به هو شڪر نٿا ڪن.“

ان سان گڏوگڏ اسلام آسودن جي مٿان اهو حق ٻيهاري ٿو ته اهي الله تعاليٰ وٽان مليل نعمت ۾ ٻين حقدارن کي به ڀائيوار ڪن. وَآتُوهُم مِّن مَّالِ اللَّهِ الَّذِي آتَاكُمْ (النور: ٣٣) ”۽ جيڪو مال الله تعاليٰ اوهان کي ڏنو آهي تنهن مان انهن (مسڪينن حقدارن) کي به ڪجهه ڏيو.“

اسلام هي به سمجهائي ٿو ته مال اهڙن بيوقوفن جي حوالي به نه ڪريو جيڪي ان کي بي جا استعمال ڪري اجايو وڃائي ڇڏين. فرمايو ويو: وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَاءَ أَمْوَالَكُمُ الَّتِي جَعَلَ اللَّهُ لَكُمْ قِيَامًا ” اوهان جو مال متاع جنهن کي الله تعاليٰ اوهان جي گذران جو وسيلو بڻايو آهي سو بي سمجهه ماڻهن جي حوالي نه ڪري ڇڏيو.“

الله تعاليٰ مؤمنن کي هيءُ به حڪم ڪري ٿو ته هو حرام روزي کان پاڻ کي بچائين ۽ ڦُر مار نه ڪن ۽ پنهنجي ڏيتي ليتي هڪ ٻئي جي رضامندي سان ڪن: يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَأْكُلُوا أَمْوَالَكُم بَيْنَكُم بِالْبَاطِلِ إِلَّا أَن تَكُونَ تِجَارَةً عَن تَرَاضٍ مِّنكُمْ وَلَا تَقْتُلُوا أَنفُسَكُمْ إِنَّ اللَّهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيمًا (النساء: ٢٩) ”اي ايمان وارؤ! هڪ ٻئي جو مال ناحق نه کائي کپائي ڇڏيو. پر جيڪڏهن گڏيل ڏنڌو واپار هجي ته پوءِ هڪ ٻئي جي رضامندي سان (مناسب طور) کائي سگهو ٿا.“

اسلام ملڪيت جي مستعار حقن ڏيڻ سان گڏوگڏ دولت جي بيجا استعمال کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ به ڪجهه پابنديون لاڳو ڪيون آهن. ان جي برخلاف ڪميونزم ذاتي ملڪيت کي ڪنهن به شڪل ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي ۽ ملڪيت کي مڙني معاشرتي ڏاڍاين جو ذميوار قرار ڏئي ٿو ۽ انهيءَ ئي بنياد تي الحاد جي دعوت به ڏئي ٿو.

هڪ مؤمن وحي الاهي جي انڪار کي رد ڪري ٿو. هو پوري طرح سان ذاتي ملڪيت جو احترام ڪري ٿو ۽ رشوت، ڦرمار ۽ ناجائز حق تلفي جي وسيلي حاصل ڪيل مال کان پاڻ بچائي ٿو. ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي اسلام جا وڏا دعويدار سڏائن ٿا . . . پوءِ الله ئي بهتر ٿو ڄاڻي ته سندن دلين ۾ ڇا لڪل آهي . . . ۽ الله تعاليٰ طرفان ڏنل مال کي بي ڊپائي سان رڙڪي وڃن ٿا. نه ڪو خيال ڪن ٿا ته ان کي ڪٿان ٿا حاصل ڪن ۽ نه وري ڪو لحاظ



ڪن ٿا ته ڪيترن ڪمزورن جي حقن تي ڌاڙو هڻي ويٺا آهن. ان سان گڏوگڏ اها به دعويٰ پيا ڪندا آهن ته پاڻ ڪميونزم جا مخالف آهن، ڇو جو اهو اسلام دشمن نظريو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته اهڙن ماڻهن جو رويو ئي معاشري کي ڪميونزم تائين پهچائڻ جو وسيلو هوندو آهي. اهي ماڻهو پاڻ کي جنهن دين جو علمبردار سڏائن ٿا، ان جو سندن ڪردار ۽ طرز عمل سان پري جو به واسطو نه آهي.

اسان ان ڳالهه کان انڪاري آهيون ته اسلام جو عظيم پيغام ٿورڙن عيش پرست ماڻهن جي جاگير ٿي پوي؛ انهيءَ ڪري قرآن حڪيم به اڪثريت عوام جيڪي غريبيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي زندگي گذارن ٿا تن کي ڌرتيءَ جي وسيلن جو وارث بڻائڻ گهري ٿو. وَنُرِيدُ أَن نَّمُنَّ عَلَى الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا فِي الْأَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِينَ (القصص: ٥) ”۽ اسان چاهيو ٿي ته جن کي ملڪ ۾ دٻائي هيٺو ڪيو ٿي ويو تن تي پنهنجو فضل ڪيون ۽ ڪين ماڻهن جو امام ڪيون ۽ ڪين وارث ڪيون. ۽ ملڪ ۾ انهن جا پير ڄمايون ۽ انهن کي طاقتور ڪيون.“

معيشيت کي سياست کان الڳ ڪرڻ هڪ ڏکي ڳالهه آهي. توهان جتي به سياسي ابتري ڏسندؤ، اتي ناجائز دولت، اقتدار جو بي انتها غلط استعمال، ڦر مار، حق تلفي ۽ پنهنجا نوازڻ جهڙيون بڇڙايون توهان کي نظر اينديون.

نفعي جي پاڪائي، معاشري جي بهتري لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي. جيڪا ملڪيت ٻين جا حق ڦٻائي ناجائز طريقي سان گڏ ڪئي وئي هجي، ان کي ضبط ڪري اصل مستحقن کي ڏئي ڪري انهن جي معيشيت بحال ڪرڻ سان ئي هڪ مضبوط ۽ متوازن معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو. ڦر مار، ٺڳي ۽ ذخيري اندوزي جي حرمت اسلام ۾ موجود آهي. ٿورڙن بڇڙن ماڻهن جي غلط ڪارين سان اسلام جو ڪو واسطو نه آهي.

حلال طريقي سان ڪمايل مال ۾ به ڪيترائي حق لاڳو ٿين ٿا، جن مان سڀ کان اهم ۽ پهريون حق آهي زڪوات. ان جو مقصد غريبن جي مشڪلاتن کي مٽائڻ ۽ انهن کي مالي طور پاڻ ڀرو بڻائڻ آهي. حديث ۾ اچي ٿو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن محتاج کي اهڙي ڏاچي ڏئي جنهن جي ٻن ويلن جو کير سندس گهرج کي پورو ڪري ته اهڙي ماڻهو جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ وڏو اجر آهي.

زڪوات جي هيءَ صورت به غلط سمجهي وئي آهي ته ڪنهن ضرورتمند کي فقط ايترو ڏنو وڃي جو رڳو ان ڏينهن جي ئي سندس ضرورت پوري ٿئي ۽ اڳلي ڏينهن هو وري لاچاري جي حالت ۾ هجي. اسلام مال منجهان ”الله جو حق“ ڪڍڻ جي خاص هدايت ڪئي آهي ۽ حڪومت کي پابند بڻايو آهي ته اها هر هڪ ضرورتمند کي ڏيڻ جو جو پورو پورو بندوبست رکي. هر ماڻهوءَ کي زڪوات مان ڪيترو ڏنو وڃي، ان لاءِ امام غزالي رحہ، مالڪي، حنبلي ۽ ڪجهه شافعي عالمن جي راءِ هيءَ آهي ته ضرورتمندن کي ايترو ڏنو وڃي جو پوري سال جو خرچ نڪري وڃي پوءِ ڀلي چوڻ نصاب کان وڌيڪ ئي ڏيڻو پوي. جڏهن ته امام شافعي پنهنجي ڪتاب ”الام“ ۾، ۽ اهڙي طرح سندس ٻين ڪيترن ئي ساٿين جي راءِ آهي ته محتاجن کي زڪوات مان ايترو حصو ڏنو وڃي جو هنن کي باقي سڄي ڄمار وري زڪوات وٺڻ جي ضرورت ئي نه پوي.

حضرت عمر بن عبدالعزيز جي دور خلافت ۾ روزانو پڙهو ڏنو ويندو هو ته قرضدار ۽ شادي جو ارادو رکندڙ (جن وٽ مهر لاءِ پئسا نه آهن) ڪٿي آهن؟ پوءِ اهڙن ماڻهن جي بيت المال

مان مدد ڪئي ويندي هئي.

اسلام هڪ فطري دين آهي، جيڪو چوري ڪان روڪي ٿو پر گڏوگڏ ماڻهن جي ڪفالت جو بہ حڪم ڪري ٿو. زنا جي خلاف آهي ۽ ماڻهن جي شاديءَ لاءِ حوصلہ افزائي ڪري ٿو. ان جو مالي هدايتون اهڙيون تہ بي مثال آهن جي سڀني معاشرتي خرابين کي دفن ڪري ڇڏين ٿيون.

زڪوات جي حد ڀلي ڪيتري بہ ڦهليل هجي پر ان ڪان لنوائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي ۽ صحت مند ماڻهن کي گهرجي تہ پنهنجي لاءِ محنت سان روزي ڪمائين. ڇو تہ محنت ئي دولت ڪمائڻ جو بهترين وسيلو آهي. حڪومت کي گهرجي تہ بي روزگاري کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري قوت استعمال ڪري ملڪ جي هر ماڻهوءَ کي روزي سان لڳائي.

هتي قابل غور سوال هي آهي تہ آخر ڇا سبب آهي جو مسلمانن جي مقابلي ۾ ٻيون قومون وڏيڪ محنت ڪندڙ ۽ مختلف هنرن ۾ مهارت رکن ٿيون؟ انجو سبب هيءُ ٿو معلوم ٿئي تہ جهنگلي ماڻهن جو ريتون رسمون اسلامي تعليمات ۽ مسلمانن جي رسم و رواج ۾ داخل ٿي ويون آهن، جنهن ڪري اسان جي اندروني قوت ۽ ڇرپر رڪجي وئي آهي ۽ ٻيون قومون تيزي سان ترقي ڪندي اسان ڪان اڳتي نڪري ويون آهن. جهنگلي ماڻهن جو تہ حال بہ هيءُ هو تہ هو زراعت ۽ ڪنهن ڏنڌي ڪرڻ ۾ عار سمجهندا هئا. پنهنجي خانداني حسب نسب تي فخر ۽ وڏائي ڪرڻ هنن جو مَرڪ هو.

هاڻي ضروت ان ڳالهہ جي آهي تہ هڪ اهڙو جديد اسلامي معاشرو قائم ڪيو وڃي جنهن جو بنياد الله تعاليٰ جا مقرر ڪيل قانون هجن: اعْمَلُوا فَسَيَرَى اللهُ عَمَلَكُمْ (التوبة: ١٠٥) ”عمل ڪندا رهو، الله (تعاليٰ) ڏسندو تہ اوهان جا عمل ڪهڙا آهن“ عياش ۽ نڪمو ٿي رهڻ وارن جي جاءِ جهنم ئي ٿي سگهي ٿي. اسلام ۾ ناجائز طريقي سان مال ڦٻائڻ ڦرمار ۽ مفت خوري کي روڪڻ لاءِ وياج کي حرام ڪيو ويو آهي ۽ پائيواري جي بنياد تي واپار کي هٿي ڏيارڻ لاءِ همٿايو ويو آهي. اسان کي گهرجي تہ ان ڳالهہ کي سمجهون تہ مال دولت اصل ۾ انسان جي خدمت لاءِ خلقي وئي آهي، نڪي انسان ان جي خدمت لاءِ.

*(علامہ محمد غزاليءَ جي ڪتاب ’اسلام بابت 100 سوال‘ مان ورتل)*

> بخشش ۽ در گذر ڪرڻ، عيب ڍڪڻ، غلطيون معاف ڪرڻ هڪ بهترين وصف آهي پر جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي پوليس نرمي جي ان اخلاق تي عمل شروع ڪري، يا وڏن وڏن ڏوهارين جي طاقت ڪان خوفزده ٿي، پنهنجن فرضن ۾ ڪوتاهي ۽ لاپرواهي ڪري تہ ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو ٿورن ڏينهن جي اندر امن امان ۽ انتظام برباد ٿي ويندو ۽ هڪ وسندڙ شهر مٽي جي ڍير بڻجي ويندو. هر آزاد راءِ رکندڙ ۽ آزاد فڪر رکندڙ انسان خدا جي آبادي جو ڪوتوال آهي. تنهن ڪري هن جو فرض آهي تہ هر غلط ڪم کي روڪي، هر خطاڪار کي تنبيهہ ڪري، خير ۽ حق جي فتحمندي ۽ حمايت لاءِ پاڻ کي تيار رکي، تہ جيئن حق کي باطل جي ڏاڍ ۽ ڏمر کان، نور کي ظلمت جي حملي ڪان محفوظ رکي سگهي ۽ سوسائٽي جي نظام کي تباهي ۽ بربادي ڪان بچائي.
>
> *(مولانا ابوالڪلام آزاد، صدين جون صدائون ص 140)*



# معرفت(Realization)

خدا، انسان جو پيدا ڪندڙ آهي. انسان جون ذهني ۽ جسماني قوتون ۽ صلاحيتون خدا جون عطا ڪيل آهن.

انسان کي هن دنيا ۾ اختيار (Choice) جي دولت سان نوازيو ويو آهي. تنهن ڪري هيءَ دنيا واري زندگي انسان لاءِ تمام وڏو موقعو (Opportunity) آهي تہ اهو خدا جي عطا ڪيل صلاحيتن کي جيڪي بالقوة (Potential) ان ۾ موجود آهن، انهن کي بالفعل (Actual) بڻائي، يعني انهن صلاحيتن جو خدا جي تخليقي مشيت (Creation Plan) مطابق استعمال ڪري هن موقعي مان فائدو حاصل ڪري.

حقيقت ۾ اهو عمل آهي خدا جي هن ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر ڪري سچ جي تلاش ۽ حقيقت جي پرک ڪرڻ. اسان جي زبان ۾ اول جو نالو طريقت ۽ ثاني جو نالو معرفت آهي ۽ معرفت جي آخري اسٽيٽ حقيقت آهي. تنهن ڪري اسان معرفت کي انساني زندگيءَ جو مقصد قرار ڏيون ٿا ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ بندو خدا جي هن ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر ڪري خدا جي قانونن مان خدا تائين رسائي حاصل ڪري.

خدا جي معرفت، هڪ فڪري عمل (Intellectual Process) آهي. معرفت جي لفظي معني آهي ادراڪ (Realization) يعني ڪنهن شيءِ کي ڪامل درجي ۾ حاصل ڪرڻ. معرفت کي ٻين لفظن ۾ شعوري دريافت (Intellectual Discovery) چوندا آهن.

ان جي حقيقت هيءَ آهي تہ هن دنيا ۾ خدا تعاليٰ انسان کي عقل جي نعمت سان نوازي ڪري ڪجهہ تسليم ڪيل صداقتون هن جي اڳيان رکيون آهن. هاڻي انسان کان هي مطالبو ڪيو ويو آهي تہ اهو هنن حقيقتن (Statements) تي هن ڪائنات ۾ ٿيندڙ تبديلين، واقعن ۽ قانونن جي ذريعي شعوري طور تي پهچي. (ان کي اسان جا صوفي عالم سڳورا علم اليقين مان عين اليقين تائين رسائي حاصل ڪرڻ چوندا آهن.) تنهن ڪري اسلام ۾ فڪر جو آغاز تلاش (Pursuit) سان نہ، بلڪ دريافت (Finding) سان ٿيندو آهي.

قرآن ابتدا ۾ ڪا دعويٰ (علمي زبان ۾ ڪو مفروضو) پيش ڪندو آهي، پوءِ ڪائنات منجهان مختلف گواهيون ۽ دليل آڻيندو آهي تہ ڏسو اهي هن دعويٰ (Statement) کي ثابت حقيقت (Proved fact) ۾ تبديل ڪن ٿيون يا نہ.

تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ معرفت انسان جي زندگيءَ جو اعليٰ ۽ عظيم مقصد آهي. معرفت هڪ شعوري حالت جو نالو آهي جيڪا خدا جي هن پيدا ڪيل ڪائنات ۾ غور ۽ فڪر جي ذريعي حاصل ٿيندي آهي ۽ قرآن جي مطابق معرفت جي تعريف هيءَ آهي تہ بندو پنهنجي پالڻهار کي اهڙي طرح ڄاڻي ۽ سڃاڻي جو اهوئي سندس سڀني محبتن جو مرڪز بڻجي وڃي. البقره: 165، (شايد ان جو ئي نالو حق اليقين آهي.)

# اجتماعيت (Unity)جي اهميت

پاڻ ۾ ملي ڪري رهڻ، معاشرو قائم ڪرڻ، يا سماجي جوڙ جڪ ڪرڻ، انسان جي داخلي فطرت جي تقاضا آهي.

**اجتماعيت جا محرڪ:**

سماجي جوڙ جڪ جي باري ۾ ڪيل معلومات مان هي ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته هر جاندار شيءِ: (1) پنهنجي زندگي، جسم ۽ جان جي حفاظت ڪرڻ گهرندي آهي ۽ (2) پنهنجي نسل جي حفاظت ۽ ان جي بقاء جي لاءِ انتظام ڪرڻ، ان جي ذاتي (Natural) گهرج آهي.

مٿي ذڪر ڪيل جذبا انسان ۾ ٻين حيوانن جي مقابلي ۾ وڌيڪ پختا ۽ ڪامل درجي ۾ هوندا آهن، تنهن ڪري اهي جذبا انسان کي سماج ۾ گڏ رهڻ تي مجبور ڪن ٿا. نه ته هيڪلائپ، تنهائي يا خلوت سبب انسان خوف ۽ هراس ۾ رهندو آهي ۽ ان ۾ پنهنجي جان، مال ۽ اولاد جي حفاظت جي باري ۾ هر وقت خطرو پيو محسوس ڪندو آهي.

**اجتماعيت جو مفهوم:**

”انسان ۾ هيءَ خاصيت آهي ته هو پنهنجي ذهن ۾ ڪنهن ڪم جو نقشو چٽيندو آهي، جيئن مثلاً پل ٺاهڻ، جبلن مان ڌاتون ڪڍڻ، معاشري ۾ سٺيون ڳالهيون رائج ڪرڻ. هاڻي هنن ڪمن کي جيڪڏهن هو اڪيلي سر انجام ڏيندو ته ان کي ورهيه لڳي ويندا ۽ تمام گهڻي مشقت برداشت ڪرڻي پوندس. ان لاءِ هو ٻين کي به گڏ ڪٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو پنهنجي مقصد لاءِ سلجهيل ۽ سمجهدار ماڻهن سان گفتگو ڪندو آهي، مختلف طريقن سان پنهنجي ڪم جي پرچار ڪندو آهي. جڏهن سندس مقصد واضح ٿي پوندو آهي، عام ماڻهن تي ان جي حقيقت پڌري ٿي ويندي آهي ته ماڻهن جو هڪ جٿو هن سان گڏ ڪم ڪرڻ تي راضي ٿي پوندو آهي. گهڻا ماڻهو ته پنهنجي مقصد جي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجيون زندگيون وقف ڪري ڇڏيندا آهن. ان کي ”اجتماع“ چئبو آهي. ڪنهن ڪم کي جلديءَ سان منزل مقصود تائين پهچائڻ ۾ مشينن ۽ اوزارن وانگي ”اجتماعيت“ به هڪ اهم ۽ بنيادي عنصر آهي.“ (شاهه وليُ الله کا فلسفء عمرانيات و معاشيات ص51-52)

هڪ هنڌ ارتفاق جي باب ۾ شاهه صاحب فرمائن ٿا: ”جيئن اوزارن سان ڪم وٺڻ جي صورت ۾ گهٽ محنت ۾ گهڻا نتيجا ملن ٿا ائين ئي هڪ جماعت جي صورت ۾ ڪم ڪرڻ سان (ڪم به آسان ٿي پوي ٿو ۽) انساني فرد جي حيثيت ۽ قيمت به وڌي وڃي ٿي.“ (شاهه وليُ الله کا فلسفۂ عمرانيات و معاشيات ص 54)

مٿي ذڪر ڪيل اجتماعيت جو هي عام (Common) مفهوم آهي، جنهن جو مطلب



آهي ته ملي جلي ۽ گڏجي ڪري ڪنهن ڪم کي ڪرڻ ته جيئن اهو ڪم آسانيءَ سان پورو ٿي پوي ۽ فرد کي ڪا غير ضروري مشقت ۽ ڏکيائي به پيش نه اچي. پر اجتماعيت جو هڪ خاص (Particular) مفهوم به آهي. ته انسانن منجهان هڪ گروهه هڪ نصب العين تي گڏ ٿي ڪري، ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ جماعت جي صورت ۾ ڪم ڪري. هن اجتماعيت ۾ فرد پاڻ کي جماعت ۾ گم ڪري ڇڏيندو آهي ۽جماعت جو مقصد، پنهنجي نصب العين لاءِ هر وقت تيار رهڻ ۽ ان لاءِ عملي ڪوشش ڪرڻ هوندو آهي. هيءَ اجتماعت جي اعليٰ شڪل آهي. هيءَ اجتماعيت، انفراديت جو ضد (Opposite) آهي. هن اجتماعيت ۾ ڏيک ويک، ڏيکاءُ، ذاتي مفادن جي گنجائش نه هوندي آهي. هن اجتماعيت ۾ گڏيل مفاد اصل الاصول هوندو آهي. هن ۾ پر امن ۽ مسلسل جدوجهد سان پنهنجي مقصد ڏانهن وڪون کڻبيون وجهبيون آهن. هن اجتماعيت جي ابتڙ جيڪي جماعتون، وقتي ۽ عارضي مفادن کي سامهون رکنديون آهن، يا نعري بازي يا مشتعل ۽ جذباتي، غير ذميوارانه رويا رکنديون آهن، اهي حقيقت ۾ اجتماعيت پسند نه، بلڪ انفراديت پسند مجموعا آهن.

هتي اسان اهڙي ئي اجتماعيت جي اهميت کي اسلام جي نظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

مولانا ابوالڪلام آزاد رحه فرمائن ٿا: هڪ آهي اجتماع ۽ ائتلاف ۽ ٻيو آهي اشتات ۽ انتشار.

اجتماع جي معنيٰ آهي: ضم الشي يقرب بعضہ من بعض (مختلف شين کي پاڻ ۾ گڏ ڪرڻ يا ملائڻ)

ائتلاف جي معنيٰ آهي: جمع من اجزآء مختلفة ورتب ترتيبا قدم فيہ ما حقہ ان يقدم و اخر فيہ ما حقہ ان يوءخر.

(اهڙي طرح گڏ ڪرڻ جو جيڪا شي جتي هئڻ کپي، ان کي اتي رکڻ) (قرآن کا قانون عروج و زوال)

يعني حقيقي اجتماع جي معنيٰ، نه صرف گڏجڻ آهي بلڪ اهڙي طرح گڏجي ڪري ڪم ڪرڻ جو ان ۾ نظم ۽ ضبط ۽ ترتيب به هجي. اهڙي اجتماعيت جنهن ۾ سڀ هڪ مرڪز ۾، هڪ سلسلي ۾ مليل هجن، سندن عملي قوتون ۽ ڪوششون پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان جڙيل هجن. ٻين لفظن ۾ جماعت جا فرد هڪ زنجير جي ڪڙين وانگي هڪ ٻئي سان مليل ۽ ڳنڍيل هجن، جو هڪ جو نه هجڻ، پوري زنجير جي وجود کي باقي رهڻ نه ڏيئي.

وري اڳتي لکن ٿا: ”هن حالت جو ضد اشتات ۽ انتشار آهي. اشتات، شت کان آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ جدا ۽ الڳ الڳ ٿي وڃڻ آهي. انتشار، نشر کان آهي، جنهن جي معنيٰ جدا هجڻ يا الڳ هجڻ آهي. يعني اشتات ۽ انتشار مان مراد اها حالت آهي جنهن ۾ اجتماع ۽ ائتلاف جي جڳهه، تفريق ۽ الڳ الڳ هجي.

(يعني فردن جون ڪوششون الڳ الڳ ۽ منتشر هجن، جيڪي اهي نتيجا نه ڏيئي سگهن جيڪي ڪنهن مقصد لاءِ گهربل هوندا آهن..) هيءَ حالت جڏهن مادي تي طاري ٿيندي آهي ته

تڪوين جي جڳهه تي فساد ۽ وجود جي جڳهه تي عدم ۽ فنا جا لفظ ان تي ڳالهائبا آهن. جڏهن جسم تي اچي ته ان جو پهريون نالو بيماري ۽ انجام موت آهي. عملن تي طاري ٿئي ته قرآن جي مطابق اهي عمل سوءِ ۽ عصيان آهن. پر جڏهن اها حالت قومن تي اچي وڃي ته تاريخ گواهه آهي انهن قومن ۾ ڪاميابيءَ جي جڳهه ناڪامي، عروج جي جاءِ زوال، ترقيءَ جي جڳهه تنزل، عظمت جي جڳهه ذلت، حڪومت جي جاءِ تي محڪومي ۽ آخر ۾ زندگيءَ جي بدلي ۾ سندن ورثي ۾ موت آيو آهي. انهيءَ جي ڪري ئي قرآن حڪيم جتي ڪٿي اجتماع ۽ ائتلاف کي قومي حيات جو سڀ کان وڏو بنياد ۽ انسان جي لاءِ الله جي طرفان سڀ کان وڏي رحمت ۽ نعمت قرار ڏنو آهي ۽ ان جو "اعتصام بحبل" ۽ ان جهڙين عظيم تعبيرن سان نالو ورتو آهي.

ارشاد آهي: وَاعۡتَصِمُوا بِحَبۡلِ اللّٰهِ جَمِيعًا (آل عمران: ١٠٣)

"۽ (اي مومنو!) سڀ ملي (هڪ ٿي ) الله جي رسي کي مضبوط جهليو ۽ جدا جدا نه ٿيو." (قرآن کا قانون عروج و زوال)

هن آيت جي تفسير ۾ حافظ ابن ڪثير فرمائن ٿا: "امت کي هي حڪم ڏنو ويو آهي ته اهي جماعت جي صورت ۾ منظم رهن، منتشر ۽ بي ترتيب زندگي نه گذارين".

شاهه صاحب رحه جو فرزند شاهه عبدالقادر رحه هن آيت جي بنياد تي اجتماعيت جي قيام کي فرض قرار ڏئي ٿو. حقيقت هيءَ آهي ته قرآن حڪيم دين کي اجتماعي يا جماعتي حيثيت سان پيش ڪري ٿو ۽ ان کي اجتماعي حيثيت سان ئي ڪامياب ڪرڻ گهري ٿو. قرآن حڪيم پنهنجو عملي مظهر، جماعت جي صورت ۾ گهري ٿو. ۽ اهو چوي ٿو ته جيڪي فرد جماعت کان الڳ رهي ڪري زندگي گذارن ٿا يا جماعتي نظم ۽ نسق جا پابند ناهن، اهي حقيقي پوئلڳ نٿا بڻجي سگهجن.

منظم جماعت جي صورت ۾ پيش ڪيل فڪر جو نالو ئي "دين قيم" آهي. ان اجتماعيت تي زور ڏيندي حضرت مولانا سنڌي رحه رقمطراز آهي: "جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن عقيدي يا صحيح علم کي پنهجو ايمان بڻائي ۽ ان مطابق عمل به ڪري ۽ پنهنجي جان ۽ مال ۽ سڀ ڪجهه ان تي قربان ڪرڻ جو پختو ارادو پڻ رکندو هجي، تڏهن به هو سماج ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي، جيستائين هو پاڻ سان اهڙن ماڻهن کي گڏ نه ڪري جن جو ايمان سندس ايمان جهڙو هجي ۽ پوءِ سڀ گڏجي پنهنجي گڏيل ايمان جي تڪميل لاءِ پوري پوري ۽ انتهائي جدو جهد ڪن ۽ پنهنجن ساٿين مان ڪنهن جي ايمان يا عمل ۾ ڪمزوري يا ڪوتاهي ڏسن ته ڪيس ايمان تي قائم رهڻ ۽ ان پٺاندر عمل ڪرڻ جي تلقين ڪن." (تفسير الهام الرحمٰن ص 596)

هڪ هنڌ جماعت جي شڪل کي الله جو وڏو فضل ۽ انعام هنن لفظن ۾ قرار ڏنو ويو آهي:

وَأَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوبِهِمۡ لَوۡ أَنۡفَقۡتَ مَا فِي الۡأَرۡضِ جَمِيعًا مَا أَلَّفۡتَ بَيۡنَ قُلُوبِهِمۡ وَلَٰكِنَّ اللّٰهَ أَلَّفَ بَيۡنَهُمۡ إِنَّهُ عَزِيزٌ حَكِيمٌ (الأنفال: ٦٣)

"۽ اهو ئي آهي جنهن مؤمنن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ الفت ۽ محبت پيدا ڪري ڇڏي. جيڪڏهن تون اهو سڀ ڪجهه خرچ ڪرين جو روءِ زمين تي آهي ته به هنن جي دلين کي الفت ۽ محبت ۾ ڳنڍي نه سگهين ها. پر اهو الله ئي آهي جهن منجهن الفت ۽ محبت پيدا ڪئي. بيشڪ



هو (پنهنجي ڪمن ۾) غالب ۽ حڪمت وارو آهي."

جماعت ۽ اجتماعيت جي اهميت ۽ عظمت جو اندازو هن مان به ڪري سگهجي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن اسلام ۽ اسلامي زندگيءَ جو ٻيو نالو جماعت رکيو آهي. جماعت کان الڳ رهڻ کي جاهليت واري زندگيءَ سان تعبير ڪيو اٿن:

"من فارق الجماعة فمات ميتة جاهلية" (مسند احمد، بخاري ڪتاب الفتن)

هڪ روايت ۾ ان جماعت کان الڳ رهندڙ لاءِ باهه جو وعيد آهي: "من شذ، شذ في النار"

حضرت عمر رضه پنهنجن خطبن ۾ بار بار نبي ڪريم صه کان هيءَ روايت نقل ڪندا هئا:"عليڪم بالجماعة فان الشيطان مع الفذة" ٻئي هنڌ لفظ آهن: "فان الشيطان مع الواحد" (مشڪوة باب الاعتصام)

يعني جماعت کان الڳ نه ٿيو. جماعت جا رڪن بنجي ڪري رهو. پاڻ ۾ جماعتي قوت پيدا ڪيو ته پوءِ ئي توهان پاڻ کي خارجي نقصان ڏيندڙ اثرن کان بچائي سگهندؤ.

اهڙي طرح هيءَ حديث جيڪا معنيٰ جي لحاظ کان تواتر جو درجو رکي ٿي: عليڪم بالسواد الاعظم فانه من شذ شذ، في النار" ۽ "يد الله علي الجماعة" (مشڪواة، باب الا عتصام)

سيني جو خلاصو هي آهي ته هميشه جماعت سان ملي ڪري رهو. فرد ختم ٿي سگهن ٿا پر هڪ صالح جماعت ڪڏهن به ختم نٿي ٿي سگهي. توهان اسلام جي بنيادي عبادتن تي نظر وجهو، اهي جماعت جي صورت ۾ فرض ڪيون ويون آهن.

نماز جي حقيقي ادائيگي جماعت جي صورت ۾ آهي. وري ان ۾ جيڪا دعا پڙهائي وئي آهي، جيڪا هر نماز ۾ بلڪ هر نماز جي هر رڪعت ۾ پڙهڻ ضروري آهي، ان ۾ متڪلم واحد جو صيغو استعمال ناهي ڪيو ويو، بلڪ جمع جو صيغو اهدنا استعمال ڪيو ويو آهي. وري ان سان گڏ صراط مستقيم جي تشريح به جماعت جي صورت ۾ ڪئي وئي آهي. انعمت عليهم، يعني انعام يافته نبين، صديقن، شهيدن ۽ صالحن جي جماعت. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته قرآن جي نظر ۾ فرد جي ڪابه اهميت ۽ حيثيت ناهي. صرف جماعت جي اهميت آهي ۽ جيڪڏهن فرد جي عملن کي ڪجهه آهي به، ايترو ته ان سان جماعت جي هيئت قائم ۽ دائم رهي ٿي. ائين ئي مسلمانن کي پاڻ ۾ ملڻ وقت جيڪا دعا سيکار ي وئي آهي، ان ۾ به جمع جو صيغو استعمال ڪيو ويو آهي. پلي ڪٿي مخاطب هڪ ئي هجي. السلام عليڪم آهي نه ڪ عليڪ. يعني هر وقت مسلمان جي ذهن ۾ جماعت جو تصور زنده رهي ۽ پاڻ کي جماعت جو رڪن سمجهي.

توهان کي اسلام جي هر رڪن ۽ رڪن جي هر حڪم ۾ جماعتي شڪل نظر ايندي. روزانو پنج وقت فرض نماز ۽ جمعه ۽ عيدن جي نماز جو حال ظاهر آهي. حج ته نالو ئي اجتماع جو آهي. زڪواة به بنيادي طور اجتماعي اسڪيم آهي ۽ ان جي ادائگي جو به طريقو جماعتي سسٽم وارو آهي.

**انفراديت پسنديءَ جو منفي رجحان:**

مولانا عبيد الله سنڌي رحه فرمائن ٿا: "بد قسمتي سان ڏکهي زماني کان اسان جا دانشور

۽ عالم تاريخ کي انفرادي نقطۂ نظر سان ڏسڻ جا عادي بڻجي چڪا آهن. هيءَ بيماري اسان وٽ استحصالي بادشاهي نظام جي يادگار آهي. استبداد جو لازمي نتيجو هيءُ نڪرندو آهي ته جماعت جي بدران فرد تي زور ڏنو ويندو آهي. تاريخ جي تبديلي، قومن جي عروج ۽ زوال جي واقعن کي اجتماعي شڪل ۽ جماعتي قوتن جي ڏسڻ جي بدران انهن کي ڪجهه خاص انسانن جي ڪوشش جو نتيجو قرار ڏنو ويندو آهي. ان ڪري اسان جي تاريخ جا صفحا قومن جي جماعتي زندگي ۽ انهن جي بحيثيت جماعت جي ترقي ۽ زوال جي باري ۾ بحث کان خالي آهن، انهن ۾ بادشاهن ۽ خاص فردن جي حالتن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. انفراديت پسندي جي ان رجحان جي ڪري اسان جا علم وارا اسلام جي اجتماعي قوت کي نظر انداز ڪري ڇڏن ٿا ۽ سندن تحقيق جو سڄو زور تاريخي شخصيتن ۽ فردن کي اجاگر ڪرڻ ۾ لڳل هوندو آهي.“ (شاه ولي الله اور ان کا فلسفہ ص 142)

## صحابہ رضوان الله عليهم جي جماعتي حيثيت:

اسان جي تاريخ جا ڪتاب صحابہ رضہ جي شخصي خصوصيتن ۽ فضيلتن سان ڀريا پيا آهن. اهو انفرادي رجحان آهي. صحابہ رضہ جي جماعتي حيثيت تي بحث گهٽ ٿيل آهي يا ان نقطي نگاهه سان تاريخ جو تجزيو نہ ڪيو ويو آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ صحابہ رضہ جي جماعت قرآن جي پروگرام جو عملي مظهر آهي. قرآن جي صداقت جو خارجي دليل اهو ان جو نظام آهي جيڪو صحابہ رضہ جي جماعت ۾ عملي طور تي چٽو نظر اچي ٿو. ”هدي للمتقين“ جي اها ئي معني آهي. هدي للمتقين، لاريب فيہ کانپوءِ ذڪر ڪيو ويو آهي. مطلب تہ هن قرآن جا اصول اڻ مٽ ۽ شڪ شبهي کان بالا تر آهن. ڇو تہ هن جيڪا جماعت تيار ڪري ڏيکاري آهي، اهڙي جماعت دنيا جو ڪو ڪتاب نہ پيدا ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ئي وري ان تي اهڙي جماعت تيار ٿي سگهي ٿي. ۽ ان سان گڏ هيءَ بہ حقيقت پڌري آهي تہ ٻين قومن جي تعلق اسلام سان نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي جماعت جي واسطي سان ٿيو آهي، يعني ٻين قومن اسلام کي رڳو نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي تعليمات سان نہ، بلڪ ان جي جماعت جي واسطي سان بہ ڄاتو ۽ سڃاتو آهي. تنهن ڪري اسلام کي هڪ اجتماعي تحريڪ جي صورت ۾ سمجهڻ گهرجي. ان پس منظر ۾ حضرت سنڌي ان غلط فهميءَ جو ازالو ڪندي چون ٿا تہ عام طور تي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ذاتي ۽ شخصي خصوصيتن کي هن انداز سان بيان ڪيو ويندو آهي جو سندن صہ جي تيار ڪيل جماعت جي اهميت ۽ قدر ۽ قيمت نظرن کان بلڪل غائب ٿي ويندي آهي. سورة الفتح جي آيت ”محمد رسول الله والذين معہ“ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کي جماعت جي هڪ رڪن ۽ ڪارڪن جي حيثيت سان متعارف ڪرائن ٿا.

چون ٿا: ”هن جو مطلب هي آهي تہ هي هڪ گڏيل تحريڪ آهي. اڪيلي حضرت محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو ڪم نہ هو. هو مؤمنن ۽ رفيقن کي گڏ ڪرڻ وارو آهي. هو پنهنجي ساٿين سان گڏجي ۽ انهن جي مشوري سان ڪم ڪندو آهي. سندن نبوت جي حيثيت الڳ آهي ۽ اها مستقل حيثيت آهي. ان ۾ ان جو ڪو بہ ڀائيوار نہ آهي ۽ نہ ان جو ڪو بہ



مشير آهي. قرآن شريف ۾ حضور صہ جن جي هن اجتماعي حيثيت ڏانهن جتي ڪٿي اشارا موجود آهن“.

وري اڳتي لکن ٿا: ”پاڻ سڀورا صہ جي اهائي اجتماعي حيثيت آهي جيڪا مشوري ڪرڻ جي حڪم کي قبول ڪري سگهي ٿي. جنهن جو احوال قرآن شريف ۾ هنن لفظن ۾ آيو آهي:

وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ ۖ فَإِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ ۚ (آل‌عمران: ١٥٩)

انهن سان جماعتي معاملن ۾ مشورو ضرور وٺندا ڪريو ۽ جڏهن پڪو ارادو ڪريو، تہ الله تي ڀروسو ڪريو.)

امام ابو بڪر جصاص الرازي رح هن آيت جي تفسير ۾ لکي ٿو تہ: حضور صہ جن تي پنهنجن ساٿين سان مشورو ڪرڻ لازم هو.“ (تفسير الهام الر حمان ص 340 تا 341)

هي دور اجتماعيت جو دور آهي. پاڻ ۾ منظم ٿي ڪري جماعت جي شڪل ۾ عملي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. قرآن حڪيم جماعتي زندگيءَ جي اهميت ۽ ان جي نظم ۽ ضبط جي ضرورت کي چٽو ڪري ڏيکاريو آهي. اسان کي گهرجي تہ انهن اصولن جي بنياد تي جماعتي تشڪيل سان دعوت جو معياري ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيون. ۽ جڏهن تہ پنهنجي انا يا خودي کي فنا ڪرڻ جي اعليٰ صورت بہ جماعت ئي آهي ۽ پنهنجي فنا ۾ ئي بقا آهي.


حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو
- قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو
- عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو
- امام شاه ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاه ولي الله رحمة الله عليه جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نہ صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان بہ قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا تہ هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽوسوسائٽي، نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097

مولانا عبدالسلام سومرو

# توڪل سان رزق جو حصول

حديث پاڪ ۾ آهي: ”لو انكم توكلون علي الله حق توكله لرزقكم كما يرزق الطير، تغدو خصاما و تروح بطانا“ (ترجمو: نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي: جيڪڏهن توهان الله جل جلاله تي ائين ڀروسو رکو جيئن ڀروسي رکڻ جو حق آهي ته ضرور خدا تعاليٰ توهان کي ائين روزي ڏيندو جيئن پکين کي ڏيندو آهي. جي صبح جو خالي پيٽ سان نڪرندا آهن ۽ شام جو پيٽ ڀري واپس ايندا آهن.)

توڪل جو مادو (و-ڪ-ل) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اعتماد (confidence) يا ڀروسو (Trust) ان لحاظ کان الله تعاليٰ جي هڪ صفت الوڪيل به آهي، يعني اها ذات جنهن تي اعتماد ۽ ڀروسو ڪيو وڃي.

توڪل مان مراد هيءَ نه آهي ته انسان بنان محنت جي يقين ڪري ويهي ته جيڪو مون کي ملڻو آهي سو ملي ويندو، بلڪ اُن مان مراد هيءَ آهي ته الله تعاليٰ جي قانونِ مڪافاتِ عمل تي ڀروسو ۽ پختو يقين، يعني هن ڳالھ جو يقين ته هر عمل جو ان جي مطابق ضرور نتيجو مرتب ٿيندو آهي. هن حديث پاڪ ۾ رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن هڪ اهم قانون جي طرف اشارو ڪيو آهي، ته جيڪو به انسان خدا تعاليٰ جي قانونِ محنت ۽ مڪافات ۾ پختو يقين رکي ٿو، ان کي الله تعاليٰ رزق ۽ روزي پکين وانگي عطا ڪري ٿو.

حقيقت ۾ هيءُ هڪ عملي اصول آهي ۽ ان جو نتيجو به عملي لحاظ کان بيان ڪيو ويو آهي. جڏهن انسان کي خدا تعاليٰ جي قانونِ محنت ۽ مڪافاتِ تي پورو يقين ۽ اعتماد هوندو آهي (ته نتيجو عمل جي مطابق ضرور وجود ۾ ايندو) ته اهو يقين ۽ اعتماد، انسان ۾ عملي جذبي ۽ عملي قوتن کي متحرڪ ڪري ڇڏيندو آهي. تنهن ڪري جڏهن انسان محنت ڪندو آهي ته قانونِ مڪافات جي تحت سندس ڦل به ضرور ملندو آهي. ان خيال کان اهو ايمان جي مترادف آهي. تنهن ڪري قرآن شريف ۾ هڪ هنڌ مؤمنين کي متوڪلين به چيو ويو آهي.

هر ڪم ۾ هڪ شيءِ هوندي آهي محنت ۽ ٻي ان محنت جو نتيجو. توڪل جو تعلق محنت سان نه، بلڪ محنت جي نتيجي سان آهي. انسان جو ڪم آهي، محنت ۽ جدوجهد ڪرڻ. باقي ان جو نتيجو قانونِ مڪافات جي تحت ضرور وجود ۾ ايندو. تنهن ڪري توڪل جي روش، انسان ۾ مثبت خيالَ ۽ تعميري فڪر کي جنم ڏئي ٿي.

چاڪاڻ ته جيڪڏهن عمل جو نتيجو پنهنجي گمان (wish) مطابق نه نڪتو، ته به ماڻهو کي هي يقين هوندو ته قانونِ مڪافات عمل تحت نڪتل اهو نتيجو ضروري هو جيڪو ظاهر ٿيو آهي. تنهن ڪري توڪلَ انسانِ کي مايوسي ۽ دل شڪستگيءَ کان به محفوظ رکي ٿي. ۽ ان سان گڏ هن حديث پاڪ مان ضمناً اهو به اشارو ملي ٿو ته ڪمائي صرف محنت جي آهي.



مولانا شعيب الرحمٰن کھڙو

## عليڪم بسنتي
# ننڊ ۽ جاڳ بابت سنتون

پاڻ سڳورن ﷺ جو هر وقت پنهنجي پالڻهار سان تعلق رهندو هو، ايتري تائين جو جڏهن ننڊ جي لاءِ بستري تي ايندا هئا ته، اهڙيون دعائون ۽ عمل ڪري سمهندا هئا، جنهن سان ننڊ به عبادت ۾ شمار ٿئي. مثال طور تي پاڻ سڳورا ﷺ ننڊ کان پهريان ڏندڻ ڏيندا هئا ۽ وضو ڪندا هئا، سندن فرمان آهي: پاڪائي (وضو) ڪري سمهندڙ، سڄي رات عبادت ڪندڙ جيان آهي. (فيض القدير 293/2)

۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي ته جيڪو پاڪائي (وضو) ڪري سمهي ٿو، جڏهن به هو پاسو بدلائي ٿو ته ان لاءِ هڪ ملائڪ دعا گهري ٿو ته، اي الله هن ٻانهي تي رحم ڪر، ڇو ته هن باوضو رات گذاري آهي. (مجمع الزوائد 312/1)

وضو ڪري بستري تي سمهڻ کان پهريان پاڻ سڳورن ﷺ جي هنن هدايتن تي عمل ڪرڻ گهرجي.

حضرت جابر رضہ کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: جڏهن توهان سمهڻ جو ارادو ڪيو ته ڏيئو يا بتي وسائي ۽ ٿانو ڍڪي ڇڏيو. ڇو ته شيطان نه بند دروازو کوليندو آهي ۽ نه ٿانو مٿان ڍڪڻ لاهيندو آهي. (البتہ) ڪوئو (ڪڏهن ڪڏهن تيل جي ڏيئي کي ڪٽي ڇڄندو آهي ۽) گهر ساڙيندو آهي. (بخاري 427/1)

هن حديث ۾ سمهڻ کان پهريان ڏيئو وسائڻ ۽ دروازو بند ڪرڻ سان گڏ ڪاڌي پيتي جي ٿانون کي ڍڪڻ جو حڪم آيل آهي، ڇو ته ڪاڌي پيتي جا ٿانو کليل رکڻ سان شيطان لڪيندو آهي، ان سان گهر ۾ نحوست پيدا ٿيندي آهي ۽ ان سان گڏ زمين جا زهريلا جيت به ان ۾ داخل ٿي سگهن ٿا يا ڪتا ٻلا به لَڪي سگهن ٿا، تنهن ڪري اسان مسلمانن کي پاڻ سڳورن ﷺ جي ان سنت تي عمل ڪرڻ گهرجي، جنهن سان ثواب سان گڏ صحت جو پڻ فائدو حاصل ٿيندو. اهڙيءَ طرح دروازو بند رکڻ سان شيطان ۽ اهڙي قسم جي ڪوڙ بلائن ۽ آفتن کان انسان محفوظ رهي سگهي ٿو ۽ سنت جو ثواب به حاصل ڪري سگهي ٿو.

سمهڻ کان پهريان بسترو صاف ڪرڻ سنت آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان آهي: جڏهن اوهان مان ڪو سمهڻ جي لاءِ بستري تي اچي ته ان کي ڇنڊي، ڪهڙي خبر ان ۾ ڇا آهي؟ (بخاري: 937/2)

هڪ مؤمن لاءِ ضروري آهي ته هو آرائش ۽ آرام پسند نه هجي، ڇو ته پاڻ سڳورا ﷺ آرائش پسند نه هئا، حضرت عبدالله بن مسعود رضہ فرمائي ٿو ته، پاڻ سڳورن ﷺ (چادر ۽ بستري کان سواءِ) تڏي تي آرام فرمايو، اُن وقت سندن جسم تي تڏي جا نشان ٿي پيا، جڏهن سجاڳ ٿيا ته، آءٌ سندن جسم تان (نشان ميٽڻ) لاءِ هٿ گهمائڻ لڳس ۽ عرض ڪيم: اي الله جا

رسولﷺ! ٻڌايو ها تہ اوهان لاءِ بسترو وڇايون ها ۽ تڏي جا نشان نہ ٿهن ها. تنهن تي پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: منهنجو دنيا (جي عيش) سان ڇا وڃي؟ منهنجو مثال تہ ان مسافر وانگر آهي، جيڪو ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾ ڪجھ وقت ترسي ۽ هليو وڃي. (رواه ترمذي 60/2)

حضرت عمر رضہ فرمائي ٿو تہ، آءٌ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پيش ٿيس، پاڻ سڳوراﷺ ڪجين جي ڪاٻر مان ٺهيل تڏي تي آرام فرمائي رهيا هئا، سندن جسم تي ان جا نشان ٺهيل هئا. وري جو مون سندن گھر ڏانهن نهاريو تہ، الله جو قسم! پاٽيءَ جي مشڪ ۽ ٿورڙن جَوَن کان سواءِ مون کي ڪجھ بہ نظر نہ آيو. (ابن ماجہ)

هي هيو پاڻ سڳورن ﷺ جو بسترو ۽ سندن آرام جي جڳھ. وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اڄ ڪالھ جا نام نهاد ۽ عياش پرست مسلمان جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جون اهي سنتون ۽ سندن سادگي مبارڪ ٻڌن ٿا تہ نھ پھ جواب ڏين ٿا تہ، اهو دؤر ئي اهڙو هئو. ان لاءِ عرض آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري بي تڪلفي ۽ سادگي اختيار نہ ڪئي هئي، پر پاڻ سڳورا ﷺ طبعي طور تي دنيا جي آرائش کان نفرت ڪندا هئا تہ جيئن اُمت ڏانهن اِهو پيغام منتقل ٿئي تہ آرام طلبي جي زندگي مؤمنن جو وڙ ڪونهي، بلڪ مؤمنن جا سڀ واڌو وسيلا پنهنجي پيغمبر جي اتباع ۾ خدا جي مخلوق تي خرچ ٿيڻ گھرجن. هڪ مؤمن جيڪو آخرت واري ابدي زندگيءَ ۽ اتان جي نعمتن تي يقين رکي ٿو تہ ان کي پاڻ سڳورن ﷺ جو اهو طريقو ئي اپنائڻو پوندو.

**سمهڻ جو مسنون طريقو:**

حضرت حذيفہ بن يمامہ رضہ کان روايت آهي تہ، پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن رات جو بستري تي سمهندا هئا تہ پنهنجو هٿ مبارڪ پنهنجي ساڄي ڳٽي مبارڪ جي هيٺان رکندا هئا، پوءِ هيءَ دعا پڙهندا هئا: اللهم باسمك اموت واحيا (صحيح البخاري 935/2)"اي منهنجا الله! آءٌ تنهنجي نالي سان مران (ننڊ ڪريان) ٿو ۽ تنهنجي نالي سان جيئرو (سجاڳ) ٿيان ٿو."

ننڊ جي وقت ساڄي پاسي تي سمهڻ گهرجي، پاڻ سڳورا ﷺ ائين ئي ڪندا هئا ۽ پنهنجي امت کي پڻ اهائي تلقين ڪندا هئا. حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو، جڏهن بستري تي اچو تہ ساڄي پاسي سمهو. (ابودائود 203/1)

پاڻ سڳورا ﷺ اڪثر طور تي قبلي ڏانهن منهن ڪري ساڄي پاسي تي سمهندا هئا. عالمن ان جا ڪيترائي فائدا لکيا آهن: حافظ ابن حجر جو چوڻ آهي تہ، ان صورت ۾ دل لٽڪيل هوندي آهي، تنهن ڪري غفلت واري گهري ننڊ نہ ونندي ۽ انسان جلدي سجاڳ ٿي ويندو. ڊاڪٽرن ۽ طبيبن ان طرِيقي سان سمهڻ کي صحت لاءِ ان ڪري بهتر قرار ڏنو آهي جو دل جي مٿئين پاسي هئڻ ڪري اُن جي خون جي سرڪيوليشن متوازن انداز ۾ برقرار رهي ٿي ۽ انسان دل جي بيمارين کان محفوظ رهي ٿو. ساڄي پاسي تي سمهڻ سان گڏ پاڻ سڳورا سنئين پر پڻ سمهندا هئا. حضرت عبدالله بن زين الماز رضہ فرمائي ٿو تہ، مون پاڻ سڳورن ﷺ کي ڏٺو هو تہ مسجد ۾ پٺن پر سنوان ستل هئا ۽ سندن هڪ پير ٻئي پير تي رکيل هو. (مسند امام احمد 2/4-3)

اونڌي پر سمهڻ کان پاڻ سڳورن ﷺ روڪيو آهي. حضرت ابو امامہ رضہ فرمائي ٿو تہ، پاڻ سڳورا ﷺ مسجد ۾ هڪ ماڻهوءَ وٽان گذريا، جيڪو اونڌي منهن ستل هو. پاڻ سڳورن ﷺ ان کي پير جي اشاري سان ڪيس متوجہ ڪري چيو تہ: اٿ! پيٽ پر سمهڻ جهنمين جو طريقو آهي. (رواه ابن ماجہ)



الله تبارڪ و تعاليٰ ڏينهن کي ڪم ڪار ۽ رات کي آرام جي لاءِ خلقيو آهي. پاڻ سڳورا ﷺ فطرت جي ان قانون مطابق رات جو جلدي سمهي پوندا هئا. حضرت امان عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ، پاڻ سڳورا ﷺ عشاء کان پهريان ڪڏهن بہ نہ سمهندا هئا ۽ عشاءَ کان پوءِ ڳالهائيندا نہ هئا. (يعني جلدي سمهي پوندا هئا) (رواه مسند احمد 264/6)

هڪ ٻي حديث ۾ امان عائشہ رضہ جو فرمان آهي تہ، پاڻ سڳورا ﷺ رات جو سوير سمهي پوندا هئا ۽ رات جي پوئين حصي ۾ (عبادت جي لاءِ) سجاڳ ٿيندا هئا. (بخاري 154/1)

رات جي ننڊ سان گڏ پاڻ سڳورا ﷺ منجهند جو آرام پڻ ڪندا هئا. حديث جي ڪتابن ۾ ان کي "قيلولہ" چيو وڃي ٿو، اهو پڻ سنت آهي. انسان آرام حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن وقت بہ سمهي سگهي ٿو، پر ڪي خاص وقت اهڙا آهن، جن ۾ سمهڻ کان منع ڪئي وئي آهي، جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان آهي تہ: جيڪو ماڻهو عصر کان پوءِ سمهي ۽ ان جو عقل ختم ٿي وڃي تہ اهو پنهنجو پاڻ کي ئي ملامت ڪري. (شمائل ڪبريٰ 84/1)

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورا ﷺ عشاءَ کان پهريان سمهڻ کي ناپسند ڪندا هئا، جي ڪو سفر يا ڪنهن ڪم ڪار جو ٿڪل ٽٽل آهي تہ سمهي سگهي ٿو، ان لاءِ ضروري آهي تہ هو نماز جي اٿارڻ لاءِ اڳواٽ ڪنهن کي چئي ڇڏي. عبدالله بن عمر[رض] ائين ئي ڪندو هو. (فتح الباري 50/2)

سمهڻ وقت ماڻهو الله کان غافل ٿي نہ سمهي، بلڪ الله کي ياد رکي ورد وظيفا پڙهي سمهي، ان سان ان جي ننڊ بہ عبادت ۾ شمار ٿيندي، پاڻ سڳورا ﷺ سمهڻ مهل ڪوڙ سارا وظيفا پڙهي سمهندا هئا، خاص طور تي سوره ملڪ پڙهڻ جو وڏو تاڪيد آيل آهي، تہ جيڪو ماڻهو اها سوره پڙهي سمهندو تہ اهو قبر جي عذاب کان محفوظ رهندو.

انسان جڏهن سمهندو آهي تہ شيطان ننڊ ۾ ان کي طرحين طرحين جا وسوسا ۽ ڀوائتا منظر ڏيکاريندو آهي، جنهن سان انسان ڇرڪجي ويندو آهي، تنهن ڪري سمهڻ کان پهريان آيت الڪرسي پڙهڻ سنت آهي. حضرت حسن رضہ کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: مون کي جبرئيل اچي چيو تہ: هڪ پليد توکي تڪليف ڏيڻ جي ڪوشس ۾ آهي، تنهن ڪري آيت الڪرسي پڙهي سمهندو ڪر. (ڪنزالعمال 2/1-3)

پاڻ سڳورا ﷺ آيت الڪرسيءَ سان گڏ سوره اخلاص ۽ معوذتين بہ دم ڪري سمهندا هئا. (بخاري 935/2) پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيندا هئا تہ سڀ کان پهريان الله کي ياد ڪندا هئا ۽ الله جي تعريف ڪندا هئا. حضرت حذيفہ بن يمامہ رضہ کان روايت آهي تہ، پاڻ سونهارا ﷺ جڏهن ننڊ مان جاڳندا هئا تہ هيءَ دعا پڙهندا هئا:

الحمدلله الذي احيانا بعد ما اماتنا واليہ النشور (بخاري 936/2)

"سڀ تعريفون ان الله لاءِ آهن، جنهن اسانکي اسان جي ماري ڇڏڻ کان پوءِ جيئرو ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو آهي."

ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ ڏندڻ ڪرڻ پڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي سنت آهي. (رواه ابودائود)